# ھُنن کي چئو

# يشو ھُنن کي پيار ڪندو آھي.

توھان جي لاءِ پرميشور جي پريم جي
ھڪ سَرل سچائيءَ

# جايس ميير

نيويارڪ ٽائيمس جي سڀ کان وڌيڪ وڪڻجندڙ ليکڪا

# هُنن کي چئو

## يِيشو هُنن کي پيار ڪندو آهي.

[illegible]

[illegible]


جايس ميير



JOYCE MEYER MINISTRIES®

Nanakramguda, Hyderabad - 500 008

Unless otherwise indicated, all Scripture quotations are taken from The Amplified® Bible (amp). Copyright © 1954, 1962, 1965, 1987 by The Lockman Foundation. Used by permission.

Scriptures marked NKJV are taken from the New King James Version. Copyright © 1979, 1980, 1982 by Thomas Nelson, Inc.

Scriptures marked KJV are taken from the King James Version of the Bible.

Copyright © 2014 by Joyce Meyer Ministries - Asia
All rights reserved. No part of this publication may be reproduced, distributed, or transmitted in any form or by any means, or stored in a database or retrieval system, without the prior written permission of Joyce Meyer Ministries - Asia.

Joyce Meyer Ministries - Asia
Nanakramguda,
Hyderabad - 500 008
Phone: +91-40-2300 6777
Website: www.jmmindia.org

Tell Them I Love Them - Sindhi
*The Simple Truth About God's Love for You*

Printed at:
Caxton Offset Pvt. Ltd.
Hyderabad-500 004

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| | ڀوميڪا | vii |
| ١. | پرميشور توهان کي پيار ڪندا آهن | 1 |
| ٢. | ڇا مان اِن قابل آهيان | 7 |
| ٣. | پريم جو ارٿ آهي سنبنڌ رکڻ | 17 |
| ٤. | پريم، ڀروسو ۽ وِشواس | 24 |
| ٥. | ڏپ کان مُڪتي | 32 |
| ٦. | پريم جو دائرو وڌي ويندو آهي | 39 |
| ٧. | پرميشور جو پريم توهانکي بدلي ڇڏيندو | 47 |
| | هڪ نئين جيون جو انوڀوَ ڪيو | 53 |

# پيو ميڪا

منهنجو مڃڻ آهي تہ ماڻهن کي پرميشور جي پريم کي اندر جي پرڪاش جي وڏيڪ ضرورت آهي. منهنجو اِهو بہ مڃڻ آهي تہ هڪ حيات مسيهي جيون جيئڻ لاءِ اِهو پرڪاش ئي هِڪ رستو آهي. اِسان کي پرميشور جي پريم جي باري ۾ آتمڪ گيان ناهي پر پرڪاش کپي. جڏهن هرهڪ وِشواسي پرميشور جي پريم تي منن-چنتن ڪري، پنهنجي جيون ۾ پرميشور جي پريم کي ڄاڻي-سڃاڻي ۽ هُن پرڪاش کي پرميشور جي لکيل وچنن ۽ پراٿنا جي ماڌيم سان ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري تہ اُنهن کي اُهو پرڪاش اُها پويتر آتما ئي ڏيئي سگهندي آهي.

پرميشور هن جڳہ سان پيار ڪندا آهن ۽ انڪري ئي هُنن يسو کي هن سنسار جي لاءِ بليدان ٿيڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو. اِها ڄاڻڻ ۽ مڃڻ بلڪُل سؤلو آهي. پر اَگر هن ڌرتيءَ تي توهان اڪيلا ئي اِنسان هجو هان، تہ بہ ڇا هُن پرميشور جو پيار ايترو هجي هان جو هو يسو کي صرف ۽ صرف توهان جي لاءِ مرڻ لاءِ موڪلي هان، اِهو وِشواس ڪرڻ ٿورو مشڪل آهي.

ڪيترائي سال ھتائن مسيھي جي روپ ۾ جيون بتائڻ کان پوءِ مونکي پرميشور جو پريم سمجھہ ۾ آيو. پرميشور جي گرھڻ سان ھُن پوتر آتما جي سھاري مونکي اُھو پرڪاش مليو تہ ھو مونسان گھرائي سان پيار ڪندا آھن. صرف اِن پرڪاش ئي منھنجو سچي جيون سان گڏوگڏ منھنجي ھلت-چلت کي بہ بدلي ڇڏيو.

منھنجو وِشواس آھي تہ جيڪو ڪُجھہ بہ توھان ھِنَ ڪتاب ۾ پڙھندا، اُھو پرميشور جي پيار جي ھَنِ سبق ۾ ھڪ نئين اندروني روشني ۽ سمجھہ پردان ڪندو. مونکي اِھو بہ وشواس آھي پہ ھن نئين بکہ ۽ اُڄ کي اُٿاريندو. منھنجي وينتي آھي تہ توھان ھِن ڪتاب کي ڏيري ڏيري پڙھو. ھن کي اڏين جي روپ ۾ ڪٽو ۽ پويتر شاستر جي وَچنن ۽ ويچارن تي اَڳيان جي صُفن ۾ توھان پائيندا، اُنھن کي سوچ ويچار ڪندا.

اِھو چاٹڻ کان پوءِ بہ، تہ پرميشور کان الڳہ ٿي ڪري مان ڪُجھہ بہ نہ آھيان، ھُن جي وچن سان جيڪو پرڪاش ۽ سمجھہ مون پاتي آھي، پرميشور جي چرٹن ۾ ھي ڪتاب جي روپ ۾ مان ھٿ جوڙي توھان کي پيش ٿي ڪيان.

**ٻُنن کي چئو**

**ييشو ٻُنن کي پيار ڪندو آهي.**

# 1

# پرميشور توهان کي پيار ڪندا آهن

چو تہ پرميشور هن جڳہ سان اهڙو تہ پريم ڪيو جو
هُن پنهنجي اڪيلو پُٽ ڏيئي ڇڏيو. جيئن ڪوئي اگر
هُن تي وِشواس ڪري تہ هو ناش نہ ٿئي. پر اننت جيون
پائي.

يوهننا ٣:١٦

پرميشور جي چاهن هِڪُ پريورا آهي. اِنڪري پرميشور اسانکي سنتان ٿاهيو، هو اهو بلڪُل نٿا چاهن تہ اسان ٻارن وانگر وهنوار ڪيون، پر اِهو تہ اِسان هُنن جي سنتان وانگر وهنوار ڪيون، هو چاهن ٿا تہ اسان هُنن تي نرڀر رهون، اپنايون، هُنن جو سهارو وٺون، هُنن سان پيار ڪيون ۽ هو بہ اسان کي پيار ڪن، هو چاهن ٿا تہ اسان هُنن تي وِشواس

ڪيون ۽ ڪنهن به ضرورت جي وقت اسان هُنن وٽ وڃون، هو توهان سان گهرو سنبڌ رکڻ ٿا چاهن۴اسان مان گهڻيئي يوهننا ١٦:٣ کي خاص روپ ۾ ڪٺندا آهن، اوهه ها. مان چا چاڻ ٿي ته يپشو سنسار لاءِ ٻليدان ڏنو، پر اسان بس هڪ ساڌارڻ اِنسان جو سموهه ناهيون جن لاءِ يپشو پنهنجي جان ڏني آهي. يپشو هرهڪ اِنسان لاءِ جان ڏنائين هُن توهان لاءِ جان ڏني.

اگر توهان هِنَ ڌرتيءَ تي اڪيلا اِنسان هُجو هان ته به هو توهان لاءِ جان ڏي هان. هو صرف توهان جي لاءِ اُها پيڙا سهي هان هُن توهان لاءِ جان ڏني آهي. پرميشور توهان سان جام پيار ڪندو آهي. هو توهان سان اننتڪال لاءِ پيار ڪندو آهي. هڪ دفعو مان ڪار پيئي هلايان ۽ پرميشور مونسان منهنجي مَن ۾ ڳالهايو ته، جؤئسي، تون منهنجي اِکه جي پتلي آهين. مونکي خبر نه هُئي ته اهو وچن پوتر شاستر ۾ آهي. شئتان ڦتاڦت مونکي چيو، اِئين چوڻ، گهمنڊ ڪرڻ ناوي ؟ تونکي چا ٿو لڳي. تون ڪير آهين ؟ هاڻي مان سوچڻ لڳس، مونکي اِن طرح سوچڻ نه گهرجي. اِهو انساني سوِپاويڪ سوچ ويچار کان الڳه آهي ته اسان پاڻ کي هڪُ خاص اِنسان سمجهون، ته سان کي وردان مليل آهي ته اسان ٻين کان الڳه آهيون، انسان مان هرهڪُ اِنسان اصل ۾ هڪ ٻئي کان الڳه آهي ۽ پتا پرميشور اسانکي اِئين ئي سجايو آهي.

جڏهن مان سبق تي سوچ ويچار ڪري رهي هُئس، ته پرميشور منهنجي مَنَ ۾ هِڪَ اِستريءَ جي تصوري ڏيڪاري جيڪا سُپر بزار ۾ صوفن جي ڍِگه اڳيان بيٺي هئي. هُن سِپني صوفن کي چڱيءَ طرح

جاچي هِڪ صوف چونڊيو ۽ چونڊي ڪري خريدڻ لڳي. پرميشور مونکي اِهو چوڻ پيا چاهن تہ مان هُنن لاءِ سيني کان اِنمول صوف هئس، مان خاص هُيس. ٻڌڻ ۾ اِهو شايد صحيح نہ لڳي، پر پرميشور اسان سيني کي اِهو ئي چوندا آهن تہ ڇا اِن جو مطلب اِهو ناهي تہ پرميشور اسانکي سيني کان وڌيڪ پنهنجو ٿا سمجهن ۽ ٻيا شايد صحيح ناهن. هو چون ٿا تہ اسان سڀ سيني لاءِ آهي، توهان سڀ پرميشور جي اکہ جي پُتلي آهيو.

پرميشور مونکي ڇا پيا چون. مون اُنکي نہ اپنايو، مون پنهنجي باري ايڏيون خاص ڳالهيون سوچڻ لاءِ پاڻ کي ئي ڏوهي ٺهرايو. لڳڀڳہ ٻن ڏينهن کانپواءِ مون وچن ۱۷:۸ ۾ پڙهيو، مونکي لڳو جيئن اُهو وَچن مونکي گهوري رهيو هو، پنهنجي اکين جي پتليءَ کي سنڀالي رکہ، پنهنجي پرن اندر مونکي لڪائي رکُہ. مون چيو، اوهہ، هو سچ پچ پرميشور ئي هُئا جيڪي مونسان ڳالهائي رهيا هئا. مان پرميشور جي اکہ جي پتلي آهيان. جيترو وڌيڪ مون هن سبق تي ويچار ڪيو اوتري لنبي وقت تائين، هر دفعي مون پاڻ کي هِڪُ خاص اِنسان جي روپ ۾ محسوس ڪيو.

ماڻهن جي اندر هِڪَ ٻکہ-اُڃ، لالچ ۽ اِڇا هوندي آهي تہ، ڪوئي هُنن سان پيار ڪري. پرميشور اسانکي ائين ئي ٺاهيو آهي. گهڻيئي اِنسان اِهو مڃيندا آهن تہ پرميشور سنسار سان پيار ڪندو آهي. ييشو سان پيار ڪندو آهي. پر هُنن سان پيار ڪندي آهي اِهو مڃڻ ۾ هُنن کي ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي. پر پرميشور جو وچن اِهو سيکاريندو آهي

تہ پرميشور ھُنن سان اوترو ئي پيار ڪندو آھي جيترو ھو مسيح سان ڪندو آھي. ھو توھان سان اُترو ئي پيار ڪندا آھن جيترو ھو مسيح سان ڪندا آھن. اچو اسان صفحہ ٢٠:٥ پڙھون.

چو تہ پيءُ پٽ کي پيار ڪندو آھي ۽ ھو جيڪو-جيڪو پاڻ ڪندو آھي. اُھو سڀ ھنکي ڏيکاريندو آھي. ۽ ھو اِن کان بہ وڏا وڏا ڪم ھننکي ڏيکاريندو، جئين توھان وائڙا ٿي وڃو.

ھتي پرميشور چيو آھي، مان يسُوع جي طرفان ھنن مھان ڪمن کي ڪري رھيو آھيان ۽ اِنھن کان بہ مھان ڪمن کي مان ڪندُس جيئن توھان وائڙا ٿيو. (ليڪڪ جو رايو) ڇا توھانکي خبر آھي تہ، ڪنھن ڳالھہ تي وائڙو ڪرڻ نيڪ آھي، پرميشور جي ڪم تي وائڙو ٿيڻ نيڪ آھي ؟ اسان اِنھن وچنن کي پڙھندا آھيو. پر اڪثر اُنھن ڳالھين کي وِساري ڇڏيندا آھيون. جيڪي پرميشور اسانکي ڪرڻ لاءِ چوندو آھي. ھو چاھن ٿا تہ اسان اُھي ڪم ڪيون جيڪي ھُنن يسُوع جي طرفان ٿيندي ڏٺا ۽ وائڙا ٿي ڪري ڇيا، ھو اديود آھن. ھي پرميشور مسيحہ جي طرفان توھان ڪيڏا نہ اديود ڪم ڪيا آھن. ھو چاھن ٿا تہ توھان بائيبل ۾ صفحو ١٢:١٤ ۾ لکيل ھڪ ڳالھہ تي ڌيان ڏيو جتي يسُوع چيو آھي جيڪو مونتي وشواس رکندو آھي تہ جيڪو ڪم مان ڪندو آھيان ھو بہ ڪندو، مان اِن بہ وڏا ڪم ڪندُس، ڇو تہ مان پِتا وٽ ويندو آھي. پرميشور اوڙا ئي ڪم، اُنکان بہ مھان ڪم توھان جي دُوارا پورا ڪندو، جيڪي ھُن يسُوع جي دُوارا ڪيا آھن ڇو تہ يسُوع پنھنجي پِتا وٽ ھليو ويو آھي. ڇا توھان اِن ڳالھہ تي وشواس

ڪيو ٿا ؟ ڇا توهان سچ پچ اِهو وشواس ڪيو ٿا تہ پرميشور توهان سان پيار ڪندو آهي ۽ توهانجو اِستعمال ڪندو ؟

هِڪ ڏينهن جڏهن مان وچن جو اَڏينن ڪري رهي هئيس، تہ پرڀوءِ مونسان ڳالهايو، جڏهن مان ماڻهن لاءِ هرروز ڪيڏو ڪم ڪندو آهيان ڇو تہ مان هُنن سان پريم ڪندو آهيان ۽ هو اڪثر اِهو سمجهندا ئي ناهن، هو نہ تہ هُنکي سمجهندا آهن ۽ نہ ئي سڃاڻي سگهندا آهن، مان توهانکي صرف هِڪُ ئي اُداهرن ڏيندُس تہ جڏهن هرروز مان سڄ کي چوندو آهيان سڄ اُڀرُ تڏهن مان اِها ڳالهہ ڪائڻ لاءِ، پيئي جي لاءِ، جئسجي جي لاءِ ۽ توهان جي لاءِ (توهان هتي پنهنجو نالو لکي ڇڏيو) بہ چوندو آهيان.

انڪري اِهو ڄاڻ تہ تنهنجو پرميشور يهووا ئي پريمشور آهي ۽ اُهو وشواس جوڳو اشور آهي ۽ جيڪو هُن سان پيار ڪندو آهي ۽ هُن جي آڳيائن کي مڃيندو آهي هو هُنن تي هزارن پيڙهين تائين مهر جي نظر رکندو آهي ۽ هُنن تي ڪروڌا وسائيندو آهي.

ڇا توهان کي نٿو لڳي تہ هزار پيڙهيءَ تائين هُن پرميشور جي نظر کي پائڻ ئي هڪ اِهم ڪارڻ آهي تہ توهان هُن جي اُن پريم کي پايو ؟ اننتڪال تائين هو پرميشور توهان سان هلندو. توهان هُنکي ٽڪائي نٿا سگهو، اسان مان ڪيترائي اِهو سوچيندا آهن تہ اسان پنهنجن غلطين ۽ بکڙيل ڳالهين ڪري هُن پرميشور کي ٽڪائي ڇڏيو آهي. پر توهان ائين نٿا ڪري سگهو. پريم ڪڏهن بہ نہ ٽڪندو آهي ۽ پرميشور توهان سان پريم ڪندي ڪڏهن بہ نہ ٽڪندو، پريم ڪرڻ

پرميشور جي لاءِ هِڪُ ڪرپا ناهي هو پاڻ ئي پريم آهن.

هن پرٿويءَ تي جيڪي هئا، يا ڪڏهن ٿيندا اهڙن خراب ۽ دُشٽ پاپي بہ اگر ييشو جي منهن تي ٿڪن ۽ چوڻ، اسانجو توهان کهڙو ڪم، اسان نرڪ ۾ وڃڻ لاءِ خوش آهيون، پرميشور اُنهن سان بہ پريم ڪندو آهي. جيڪي الڳہ ٿي ويا آهن ۽ پرميشور جي حُڪُم کي پورو ڪرڻ لاءِ الڳہ ڪيا ويا آهن، ڇا پريم نہ ڪندا؟

شايد توهان اِهو چئي چُڪا آهيو تہ، مان ييشو کي اپنائيندو-اپنائيندي آهيان ۽ اُن سان پريم ڪندو-ڪندي آهيان،پر مان توهان کي پُڇڻ چاهيندس تہ پرميشور توهان کي پيار ڪندو آهي اِن تي توهان گهڻو وشواس ڪندا آهيو؟

توهانجي لاءِ هي سڌو ۽ سؤلو سنديش آهي تہ پريمشور توهان سان پريم ڪندا آهن، پر اِهو سڀ هڪ آڌار جي ڪريا آهي اُنهن سڀ ڳالهين لاءِ جيڪو پرميشور چاهن ٿا تہ توهان سمجهو.

توهان پرميشور جي ڳالهين کي ڪيترو بہ سکو ۽ اُنهن جي اڏيئن ڪيو ۽ ڳولهڻ جي ڪيتري بہ ڪوشش ڪيو، پر اگر توهان اِن سچ کي سويڪار نہ ڪيو تہ پرميشور توهان سان پريم ڪندا آهن، تہ توهان اڳيان ڪونہ وڌي سگهندا. پرميشور جو پريم توهانجي وِشواس، پاپ کان مُڪتي ۽ نڊر ٿي ڪري ٻين جي سيوا ڪرڻ لاءِ وڌائيِندڙ قدم لاءِ نينڊ جو ٻٽر آهي، ڇا توهان پرميشور جي اِن پريم کي سويڪار ڪندا؟

# 2

# ڇا مان اِن قابل آهيان

اِڇا لاءِ شرم نہ ايندو آهي. ڇو تہ پويتر آتما جو اسانکي ڏنل آهي اُن دوارا اسان اندر پرميشور جو پريم اسانجي من ۾ وڌو ويو آهي. ڇو تہ جڏهن اِسان نربل هئاسين (پاڻ کي مدد ڪرڻ ۾ ناقابل) تہ مسيھہ نيڪ اُن وقت ڀڳتي هيڻن لاءِ مريو.

ڪنهن ڌرميءَ لاءِ ڪوئي مري، اِها تہ ڪمزوري آهي، پر ڇا ڪوئي ڀلي ماڻهوءَ لاءِ ڪوئي مرڻ جي همٿ ڪري.

پر پرميشور اسانتي پنهنجي پريم جي ڀلائي اِن ئي ريت پرڪٽ ڪندا آهن، تہ جڏهن اسان پاپي ئي

ھئاسين تڏھن مسيح اسانجي لاءِ مريو.

سو جڏھن ڪي اسان، ھُن جي ڪرمن ڪري ڏرمي ٿياسين (پرميشور سان گڏ سھي سنبنڌ ۾ آياسين) تہ ڇا اُنجي دوارا ڪيل ڪروڌ کان نہ بچنداسين. (ھي نشچت آھي) ڇو تہ پئيري ٿيڻ جي دشا ۾ ھنجي پٽ جي مرتيو جي دوارا ٿي تہ اسانجو ميل پرميشور سان ٿيو. پوءِ ميل ٿي وڃڻ تي (اِھو نشچت ٿيو) ھنن جي پُنر جنم جي جيون جي ڪارڻ اَسان اُڌار (ھرروز پاپ کان ڇٽڪارو) ڇو نہ پائينداسين.

اِسان مان گھٽيئي جيستائين ڪنھن ڳالھ ۾ اُلجھن نٿا، تيستائين نہ وشواس ڪري ٿا سگھن تہ پرميشور اسان سان پيار ڪندا آھن. ڪيترائي ماڻھون پاڻ کي وڏيڪ پسند نہ ڪندا آھن انڪري ھو سوچيندا آھن تہ ھو پرميشور اسان سان پيار ڪندا آھن. ڪيترائي ماڻھون پاڻ کي وڏيڪ پسند نہ ڪندا آھن. انڪري ھو سوچيندا آھن تہ ھو پرميشور کي موھي نہ سگھندا ۽ پرميشور ھُنن سان پيار نہ ڪندو آھي. پر بائيبل ۾ لکيل آھي. ”تہ منشيہ ڇا آھي جو تون اُن تي مھر جي نظر رکين ۽ اُنجو سمرڻ ڪرين.“ (پچن ۸:۴) اسان پرميشور جي سرشٽي آھيو ۽ ھو اسان سان پريم ڪندو آھي ڇو تہ ھو پاڻ پريم آھي. (صفح ۱۶:۴) ھو توھان سان پريم ڪندو آھي ۽ توھان خاص آھيو. انجو صاف مطلب اِھو آھي تہ توھان بلڪُل اَلڳ ۽ سپني کان خاص آھيو. توھان کي مون وانگر ٿيڻ جي ضرروت ناھي ۽ نہ ئي مونکي

توهان وانگر ٿيڻ جي ضرورت آهي. اگر اسان هڪ ٻئي وانگر ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته اَسانجو انت صحيح نه ٿيندو. ائين ڪري توهان شئطان کي اِهو چوڻ جو موقعو پردان ڪندا ته توهان انجي قابل ناهيو. پر سچ ته اِهو آهي ته پرميشور جي اَڳيان توهانکي قابل ٿين يا بڻجڻ جي ڪابه ضرورت ناهي.

ڇا يسوع بليدان انڪري ڏنو ته توهان وڏا مهان يا اديوت ماڻهون آهيو، يا ان لاءِ ته هو توهان سان پريم ڪندو آهي ؟ بائيبل چوندي آهي ته جڏهن هُنجو پيار هُنکي توهانجي لاءِ مرڻ لاءِ تيار ڪري سگهندو آهي ته هُنجي خون ڪارڻ ڏرمي نهرائڻ تي، هو توهان سان گهڻو پيار ڪندو ؟ (روميو ٥٨.٩) هو توهان سان ايترو پريم ڪندو آهي جو هرروز توهنکان ٿيندڙ غلطين کي ڍڪي ڇڏيندو آهي. هو توهان سان ايترو پريم ڪندو آهي جو هرهڪ ڏينهن سڪه سان جيئڻ جي همٿ ۽ ٻل ڏيندو آهي.

پرميشور هڪ ڏينهن هِڪُ اُڏارڻ ڏيئي مونکي سمجهايو ته هو اسانجي غلطين ۽ ڪمين کي ڪهڙي درشٽيءَ سان ڏسندو آهي. ڪلپنا ڪيو ته هِڪَ، ٽن يا چئن سالن جي ننڍڙي نينگڙ، پنهنجي ماءُ کي هميشهه ڪم ڪندي ڏسندي هئي، هوءَ پنهنجي ماءُ سان ايترو ته پيار ڪندي هُئي جو هڪ ڏينهن هڪ بالٽي ۾ اگهڙو جو ڪپڙو ڪٽي دريءَ جي ڪانچ کي صاف ڪرڻ لڳي. هوءَ رگڙي رگڙي دريءَ کي صاف ٿي ڪري ۽ ڪاغذ جي ٽڪڙن سان دريءَ کي اُگهندي پيئي وڃي.

ڏسجي ٿو ته دري اڃان به خراب ٿي ٿي وڃي، هنتي صابڻ ۽ ڪپڙي سان اُگهڻ ڪري داڳ ٿي ٿا وڃن ۽ جڏهن توهان ڏسو ٿا ته سٺي ڪپڙي کي اُگهڻ جو ڪپڙو ناهي چڏيو آهي ته توهان جي دل ٿي ڪري ته هنجي ڳچي پڪڙي گُهٽو ڏيڻ کپي، پر هوءَ توهان وٽ اچي ٿي ۽ پنهنجي ننڍي ۽ پياري آواز ۾ توهان کي چوي ٿي، ”ممي ممي، مان دريءَ کي ڌوئي چڏيو مان تنهنجي لاءِ ايڏي محنت ڪئي آهي. مان توسان پيار ڪندي آهيان. مميءَ....

هڪ ممتاميي ماءُ چوندي، ”اوهه تو ڏاڍو سنو ڪَمُ ڪيو آهي. مدد ڪرڻ لاءِ مهرباني.“ پوءِ جيئن ئي هوءِ نينگڙ هُتان نڪرندي ۽ وري دري صاف ڪرڻ وهندي ته ماءُ هنکي هدايت ڏيندي ته پُٺ وري ائين نه ڪجِ.

پرميشور مونکي ٻُڌايو ته هو به اسان لاءِ ائين ئي ڪندو آهي. هو هميشهه اسانجي دواران ڪيل خراب ڪمن کي سڌاريندو آهي. اگر توهان اِهو ڄاڻو ٿا ته ڪنهن به ڪم کي سٺي نموني ڪيئن ڪجي ته پرميشور جي به توهان مان اِها ئي اُميد هوندي آهي. هو توهان مان اُن ڪم جي اُميد نه رکندو آهي جيڪو توهانکي نه ايندو آهي. اگر توهان ۾ اِهو چوڻ جي همٿ آهي، ”توهان صحيح آهيو، مان غلط آهيان، مون ڪوشش ڪئي پر بدلجي نه سگُهيسُ“، هو توهانکي بدلي سگهي ٿو. اُن وقت هو توهانکي ضرور بدليندو چو ته هُنکي خبر آهي ته بنا هُنجي مدد جي توهان پاڻ کي بدلي نه سگهندا. چو ته جنهنکي پرميشور موڪليو آهي، هو پرميشور جون ڳالهيون ڪندو آهي. چو ته

پرميشور هُنکي پنهنجي آتما وزن ڪري ڪانہ ڏني آهي. (پر پرميشور جي آتما جي دان جي ڪائي بہ ماپ ڪانهي). پيءُ پُٽ کي پريم ڪندو آهي ۽ هُن سڀ ڳالهيون (وشواس سان سونپي ڇڏيون آهن) ۽ شيون هُنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيون آهن.

هڪُ دفعو جڏهن مان اڏيئن پئي ڪيان، اُن جڳهہ تي پرارٿنا پئي ڪيان تہ مان آنند سان رڙ ڪري ويٺس. جڏهن مون پڙهيو تہ پرميشور پنهنجي آتما توري نہ ڏيندو آهي. هو ڪنهن بہ ڳالهہ کي ٿوڙو اچ ۽ ٿوڙو سياٺي ڪري نہ ڏيندو آهي. پر هو چوندو آهي، ” جو ڪُڇ منهنجو آهي ڪٿي ونو.“ اچ پرميشور جو سچو پريم ۽ ڪروٺا توهانجي لاءِ حاضر آهي، توهانکي جيڪو ڪُجهہ بہ کپي اُن وٽ سڀ آهي، ۽ هو چاهي ٿو تہ اُهو سڀ توهان پراپت ڪري ونو، ڇو ؟ ڇو تہ هو توهان سان پريم ڪندو آهي. توهانکي اِهو سڀ پائڻ لاءِ قابل ٿيڻ يا ٺهڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي، پرميشور سڀ توهانکي ڏيڻ ٿو چاهي ڇو تہ هو توهانسان پريم ڪندو آهي.

صفحہ ٧، ٦، ٧ ۾ لکيل آهي تہ :

”ڇو تہ توهان پنهنجي پرميشور يهووا جي پوينر پرجا آهيو. يهووا سچي پرٿويءَ جي سيني ديشن جي ماڻهن مان توهانکي چوندیو آهي توهان هُنجي پرجا ۽ هُنجو نجُ ڌن آهيو.“

يهووا توهان سان پريم ڪري توهانکي چوندیو. اِنجو ڪارڻ اِهو

ناھي تہ توھان ٻُڌپ ۾ سيني ديشن جي ماڻھن ۾ وڌيل ھئا. پر توھان سيني ديشن جي ماڻھن مان ٻُڌپ ۾ گھٽيل ھئا.

پرميشور اِزرائيلين کي پنھنجو قريبي پرجا جو درجو ڏنو ۽ ڪليسيا جي روپ ۾ اڄ اسان اصل آتمڪ اِزرائيلي آھيون، انڃي ڪري ئي اِھي وچن جيئن ھُنن جي لاءِ آھن تئين ئي اسان لاءِ بہ آھن، ھُن چيو، ”مون توکي اِنڪري نہ چونڊيو جو تون ھَنِ پرٿويءَ تي سڀ کان وڏي سنکيا ۾ ھئين“. اسان جي لاءِ اِنجو مطلب آھي تہ، مون توکي انلاءِ نہ چونڊيو جو تون ڪَمَن ۾ صحيح ھئين يا تون ايترو اڍيوت ھئين جو مان توکي چونڊيو.

پرميشور اَڳيان چون ٿا تہ تون تہ پاڻ ٻُڌپ ۾ سڀ کان گھٽ ھئين، سچ تہ اِھو آھي جڏھن توھان مون وانگر آھيو تہ شايد توھان سوچيندا تہ ٻين جي مقابلي توھان سيني کان بدتر ھُئا، جڏھن توھانجو اُڌار ٿيو، پوءِ بہ پد ٨ ۾ پرميشور چون ٿا -

”يھووا جيڪو توکي ٻلوان ھٿ جي دواران داستوَ جي گھر مان، ۽ مِسر جي راجا فروئن جي ھٿ مان ڇڏايو، اِنجو ڪارڻ اِھو آھي تہ ھو توھان سان پريم ڪندو آھي ۽ ھو اُن وائدي کي بہ پورو ڪرڻ ٿو چاھي جيڪو ھُنن توھانجي پُرکن لاءِ کاڌو ھو.“

ھي جيہ جيہ ڪار ڪرڻ جو وقت آھي، پرميشور چون ٿا، ”مان توسان پريم ٿو ڪيان، مون توکي چيو تون پوتر آھين. تون خاص

آهين، مون توکي انڪري نہ ڇونڊيو تہ تون پلو ۽ ادپوت آهين پر اِنڪري ڇونڊو مونکي توسان پريم آهي.“ ڇا توهان کي خبر آهي پرميشور توهان کان ڇا ٿا چاهين ؟ هو چاهن ٿا تہ توهان هنجي پريم کي سويڪار ڪيو ۽ اُنکي اپنايو.

اسان مان وڏ ۾ وڏ ماڻهن جي سمسيا اِها آهي تہ اسان پاڻ کي ناپسنڌ ڪندا آهيون. اسان سوچيندا آهيون، ”ڪيئن ڪوئي مونسان پيار ڪندو. مان اِنجي قابل ناهيان ؟ اگر توهان کي اِهو وشواس ٿي ويو آهي تہ توهان بدصورت ۽ من موهنيدڙ ناهيو تہ بس پوءِ توهان اِهو ئي سوچيندا، ڏيکاريندا ۽ ان طرح ئي ڪم ڪندا، توهانجي دل ۾ توهانجي جيڪا ڇوَي آهي اُنکان مٿي نہ اُٿي سگهندا.“

منهنجي بہ سڀ کان وڏي اِها ئي خامي هئي جو مان پاڻ کي ناپسنڌ ڪندي هئس ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٧٥ پرسنٽ وقت مان پنهنجو پاڻ کي بدلڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيو، مونکي لڳو مان وڏيڪ ڳالهائيندي آهيان، مون چُپ رهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن مان چُپ رهندي هُئس، تہ مان مايوسي سان گهرِجي ويس ۽ هرهڪ ماڻهون مونکان اِهوئي ڄاڻڻ چاهيندو هو تہ مان چُپ ڇو آهيان ؟ پوءِ مان سوچيندي هُئس، پر تو ئي تہ ڇيو هو تہ مان گهٽڳالهائي آهيان، مونکي اڪيلو ڇڏي ڏيو. مان چُپ رهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان.

مان توهانکي ٻڌائي نٿي سگهان تہ ڪيترائي سال نڪري ويا مونکي اِها ڪوشش ڪندي ڪندي ۽ پوءِ بہ مان کهڙي نہ کهڙي

مُشڪل ۾ اَٽڪي ويندي هُئُس، جيڪي ماڻهون گهڻا ڳالهائيندڙ هوندا آهن، اُنهن جي شاڌي شانت ماڻهن سان ٿيندي آهي. اُنهن جي شانت رهڻ تي لڳندو آهي تہ توهانجو ڳالهائڻ اڃان بہ وڌي ويو آهي. شئطان توهانکي گهڙي-گهڙي ياد ڏيارائيندو تہ تون ڳهڻڳالهائي آهين ۽ اِنکي ئي ڏوهي نهرائڻ چئبو آهي.

پرميشور چاهي ٿو تہ توتي ڏوهہ نہ لڳي، پر اِن لاءِ وشواسي ۽ نڊر ٿيڻ جي ضرورت آهي. ڇا توهانکي خبر آهي تہ توهان جيترو بہ شرمندا هُجو، ڏوهي هوندي توهان جيڪا غلطي ڪري چُڪا آهيو، اُنکي وري سُڌاري نہ سگهندا ؟ اِهو سچ پچ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. جڏنهن توهان غلط ڪم ڪري ڇڏيو آهي تہ پرميشور توهان سان پريم ڪندو اِهو وشواس ڪرڻ ڏکيو آهي.

شئطان توهانکي لڳاتار ۽ گهڙي گهڙي ياد ڏياريندو ۽ چوٽ پهچائيندو رهندو تہ توهان ڪيترا اڻوٽندڙ خراب ۽ بدصورت آهيو. هو گهڙي گهڙي اِهي ويچار موڪليندو رهندو. ”توهان اِهو ڪم ڪيو آهي، ”هو چوندو ،”توهان ڇا ٿا سوچيو تہ توهان ڪير آهيو ؟ “ پرميشور توهانکي ڪڏهن بہ آسيس نہ ڏيندو، توهان گندا ۽ ڀِڌا. توهان ڪنهنڇا بہ سا ڪشيدار نہ ٿي سگهندا. توهان ڪوئي بہ ڪم نيڪ طرح سان نہ ڪري سگهندا.

اِهو ئي موقعو آهي جڏهن توهانجي اندر جي مُنشيہ کي نڊر ٿا سان اُٿارڻ جي ضرورت آهي، چئو، ”هي پِتا، مون غلطي ڪئي آهي ۽ مان

توهان سان پرارٿنا ٿو-ڪريان ته يسوع جي لوهو سان ڌوئي مونکي معاف ڪيو، مان سچ پچ ايمانداريءَ سان ائين چاهيان ٿو-ٿي. مونکي توهانجي معافي کپي، شيطان، تون چُپ رهه، يسوع منهنجي پاپن جو مُلهه چڪايو آهي. اِنجو توسان ڪوئي واسطو ناهي.'' تڏهن ئي توهان خوش رهي سگهندا ۽ اڳيان وڌي سگهندا، خوش رهو، پر شايد توهان سوچيندا هُجو، ''مان گهڙي گهڙي اُهائي بيوقوفاڻي غلطي ڪندو-ڪندي ٿي رهان، مان به اِهو ئي سوچيندي رهندي هئس جيستائين مان پنهنجو پاڻ کي ڌوهي نهرائڻ جي پاونا کي ڪڍي ڪونه ڇڏيو. جڏهن توهان اُن ڌوهي نهرائڻ جي پاونا کي ڪڍي ڇڏيندا ته توهان اُن پاپ کي وري ڪرڻ به ڇڏي ڏيندا.''

پاپ جو ڌوهي يا ڌوهي نهرائڻ جي پاونا توهانکي دٻائيندي ويندي آهي. ايترو ڪي توهان جو اِنسان آزاد ٿيڻ ئي مشڪل ٿي ويندو. ڌوهي نهرائڻ جي پاونا کان نڪرڻ لاءِ نڊرتا جي ضرورت آهي. توهانکي نڊر ٿي ڪري پاڻ تي وشواس رکي ڪري ڪم ڪرڻو پوندو ۽ ڇوڻو پوندو ته توهانتي ڪوئي ڌوهه نه آهي. شيطان توهانکي چوندو، ''توهانجو اِهو انڌوشواس آهي ڪي توهان پاپ به ڪيو ۽ توهانکي بُرو به نه لڳي؟'' ڇو، توهانکي گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ته خراب لڳڻ ئي گهرجي، اُهو ڪم جيڪو توهان ڪيو، سچ پچ خراب هو.'' توهان صرف ايترو چئجو، ''نه بِلڪُل نه'' مان اِن ڌوهي نهرائڻ جي پاونا کي بلڪل سويڪار نه ڪندُس. شروع شروع ۾ ڏکيائي ٿيندي. هي ڏکيو آهي، پر ٽن يا چئن دفعن کانپواءِ توهان اِن پاونا کان لڙڻ سکي ويندا.

يشاياھ ٥٣ ۾ ٥،٦ ۽ ١١١ ۾ لکيل آھي (ايمپلي فائيڊ بائيبل سنسڪرڻ) ڪي جڏھن يِيشو اسانجي پاپن کي پنھنجي مٿان کنيو. تہ ھُن اسانجي ڏوھن کي بہ پنھنجي مٿان کنيو (جنھن ۾ ڏوھي ٺھرائڻ جي ڀاونا بہ آھي) شئطان ڪڏھن نہ چاھيندو تہ توھان اِن ڏوھہ جي ٻوجھہ کان ڪڏھن آزاد ٿيو، ڇو ؟ ڇو تہ توھان اِن ٻوجھہ جي پيڙا ۾ ھوندا تہ، توھان پرميشور جي پريم کي ڪڏھن سوِيڪار نہ ڪندا. ڏوھي ٺھڻ جي ڀاونا اسانکي پرميشور کان الڳہ ڪندي آھي ۽ اسانجي ۽ پرميشور جي وچ۾ لوھہ جي ڀت جي روپ ۾ اچي بيھندي آھي. جڏھن توھان اِن ٻوجھہ جا دٻايل ھوندا تہ توھان اُن پرميشور جو مُکہ نہ ڏسي سگھندا. ڏسي سگھندا تہ بس صرف گناھہ جو ٻوجھہ ۽ پاپ جيڪو توھانجي سامھون آھي. اندر جي ٻوجھہ کان مُڪت ٿي وڃو ۽ وشواس ڪيو تہ پرميشور ڇيو آھي تہ ھُنکي اپنائڻ سان اسان جي پاپن کان ضرور مُڪتي ملندي. ھو توھان سان پيار ڪندو آھي ۽ ھنجي طرف کان ھنکي اپنائڻ ۽ معاف ڪرڻ اِھي ٻئي ايڪدم مفت ۾ ڏنل اُپھار آھن، اڄ ئي اُنھن جو گرھڻ ڪيو.

# 3

# پريم جو ارٿ آهي سنئينڌ رکڻ

”۽ جيڪو پريم پرميشور اسان سان رکندو آهي اُنکي اسان ڄاتو آهي (سمجهہ، سڃاڻپ، وويڪ ۽ انوڀو سان) ۽ اسانکي هُن تي وشواس آهي تہ (اُن ۾ رَهجي وڃڻ ۽ ڀروسو رکڻ) پرميشور پريم آهي ۽ جيڪو پريم ۾ رمجي ويندو آهي اُهو پرميشور ۾ رمجي ويندو آهي ۽ پرميشور اُنہ ۾ رمجي ويندو آهي.“

توهان ڪيئن پرميشور جي پريم کي اڃان چڱيءَ طرح سڃاڻي سگهندا ؟ هو چاهي اَگر توهانکي ڪيترو بہ وڏيڪ پريم ڪري پر اگر توهان هنکي ڄاتو نہ سڃاتو نہ تہ، اسان توهان کي ڪوئي لاڀُ نہ پهچندو، توهان کي خبر آهي جڏهن ڪوئي اصل ۾ وڏ ۾ وڏ پريم

ڪندو آھي، تہ ڪيڏو نہ سٺو محسوس ٿيندو آھي، توھان ايترو تہ اُتساھت ۽ خوش محسوس ڪندا آھيو جو توھان دنيا کي ٽڪ پلجي ويندا آھيو، ڇو تہ ڪوئي توھان سان پريم ڪندو آھي، پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھي ۽ ھو اُھو پريم ورھائڻ ٿو چاھي، ھو چاھي ٿو روز توھان ھن سان وقت گذاريو.

ڇا توھان ۽ پرميشور جي وچ ۾ سچپچ ڪوئي پنھنجائپ جو سنبڌ آھي ؟ ڪافي وقت پھرين توھان اُڌار جو انوڀوَ ڪيو ھو انجو اِھو مطلب ناھي تہ اڄ بہ توھان اُن پرميشور سان جڙيل ھُجڻ جو آنند وٺي رھيا آھيو. جڏھن بہ مان صبح جو اکيون کوليندي آھيان مان پرميشور لاءِ سوچيندي آھيان، انکان وڌيڪ مونکي ڪجھہ بہ نہ کپي. ھن پري-پوري سنسار ۾ صرف پرميشور کي خوش رکڻ، اُنجي سيوا ڪرڻ ۽ اُنکي پائڻ لاءِ جيڪو ڪجھہ بہ ھجي اُھو اُچيت آھي.

اسانجي اندر ھِڪُ خالي اِسٿان آھي جنھن ۾ صرف پرميشور ئي صحيح ڍنگہ سان رھي سگھن ٿا، ٻي ڪابہ شيءَ يا اِڇا اُھا جڳھہ نٿي پري سگھي. توھان پنھنجو پاڻ کي اِھو ڇئي سگھندا آھيو، ’’مونکي خبر آھي تہ مان مسيھہ کي پائي چڏيو آھي، پر ڇا ھر حال ۾ ھر ڏينھن، ھر منٽ توھان ھُنکي پاتو آھي ؟ ڇا توھان پرميشور جي پريم کي پائي رھيا آھيو ؟‘‘

پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھي ۽ توھان ھنجي لاءِ خاص آھيو ھُن اسانکي ھنسان سھڀاڳي ٿيڻ لاءِ چونڊيو آھي. اسانجي جيون

۾ هنجي سڀ ڪان وڏي خوشي ۽ اِڇا اِها آهي. هو هرروز صبح جو پنهنجي آس ڪان هيٺ جُهڪي چوندا آهن. گڏ مورنگ مان توسان پريم ڪندو آهيان.

منهنجي ساهيڙيءَ پرارٿنا ڪندي وقت هِڪُ درشن پاتو، هُن ڏٺو تہ پتا پرميشور هرروز صُبح جو جنهن مهل ماڻهون سمهي اُٿندا آهن تڏهن هو امريڪا جي گهرن ۾ ويندا آهن. هو هنن کي پنهنجو ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ ايڪدم تيار هوندا آهن. هو ٽيبل جي پاسي هڪ ڪُرشي تي ويهي رهندا آهن. ماڻهون سمهي اُٿندا آهن، ايندا آهن ۽ هلي ويندا آهن،. هو ايندا آهن ۽ هليا ويندا آهن، هو پرميشور کي چوندا ويندا آهن، هي پرميشور، هُتي ٿوري دير بيعد، مان پوءِ ٿو اچان، جيئن ئي منهنجو هي ڪم پورو ٿيندو، مان توهان سان ڳالهائيندس، پوءِ مان توهان سان سمپاڳي ٿيندُس پوءِ.

ڏينهن پورو ٿي ٿو ۽ هُنن چوڪريءَ جو دل ٽٽي پوي ٿو. اِهو ڏسي تہ ڪوئي بہ پرميشور سان ڳالهائڻ نہ آيو ۽ پرميشور ڪنڌ جهڪائي نراس ٿي هتان هليو ٿو وڃي.

ايترو بہ ويست نہ رهو، اَگر توهان وٽ پرميشور کي پرارٿنا ڪرڻ جوو ۽ وقت بتائڻ جو وقت ناهي. مطلب توهان ڏاڍا وِيست آهيو. ٿوڙو وقت ڪڍو ۽ پرميشور کي ٻڌايو تہ توهان اُن سان ڪيترو پيار ڪندا آهيو. جڏهن سڀ ڳالهيون ختم ٿي ونديون آهن ۽ صرف جئہ-جئڪار رهجي ويندي آهي، تنهن مهل هُتي ٻيو ڪوئي نہ پر

پرميشور هوندا آهن. اِهوئي اُهو اِسٿان آهي. اگر توهانجي ۽ پرميشور جي وچ ۾ سنبنڌ ناهي تہ ا نسان تائين پهچڻ ۾ ڏاڍي دير ٿي ويندي. اِنجو اِهو مطلب ناهي تہ توهان سُرڳہ ۾ نہ ويندا پر توهان خوشال جيون جيئڻ جو آنند ڪوئي ڇڏيو آهي. مان توهان کي پرميشور جي لاءِ هِڪُ سال الڳہ ڪرڻ جي صلاح ڏيندس جنهن ۾ توهان پرميشور کي پريم ڪرڻ جو موقعو ڏيو، پنهنجي سامرٿ ۾ اچي وشواس سان ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ وشواس ۽ سامرٿ جا پُرش ۽ اِستري نہ بڻجو، توهان صرف پِتا جي گود ۾ هلي وَڃو، ٻارن وانگر ۽ پرميشور کي توهان سان پريم ڪرڻ ڏيو. جيستائين توهان پرميشور کي پريم ڪرڻ جو موقعو نہ ڏيندا. تيستائين توهان ٻہ سچائيءَ سان پرميشور کي پريم نہ ڪري سگهندا.

ا صفحہ ۴:۱٦ ا ۾ لکيل آهي.

۽ جيڪو پريم پرميشور اسان سان رکندو آهي اُنکي اسان سچاٽي ورتو آهي (سمجهہ، سچاٽپ، وويڪ ۽ انوڀو سان) ۽ اسانکي اُنتي وشواس آهي (اُن ۾ سمائڻ، ڀروسو ڪندا آهيون تہ)

ڇا اڄ صبح جو سمهي اُٿڻ کانپوءِ توهان ڪجهہ دير لاءِ پرميشور جي باري ۾ سوچيو تہ هو توهان سان ڪيڏو پريم ڪندو آهي ؟ جڏهن ٻہ توهان سمهي اُٿندا آهيو ۽ گهڻو ڪري ڪجهہ ٻہ ڪرڻ نہ چاهيندا آهيو. پر پنهنجي سرير کي سڪريہ ڪرڻ ۽ آتمڪ منشيہ کي جاڳائڻ لاءِ سيني اَڏيت ڳالهين کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي منهن کي اُپيوگہ

۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. انڪري جڏهن بہ توهان صبح جو اُٿو، توهان چئو، ”هي پتا“، مان توهانکي ڌنيواد ٿو-ٿي ڏيان تہ توهانجي پوتر آتما جو منهنجي اندر واسو آهي. هي پتا، اڄ مان جتي بہ ويندسُ-ويندس آسيس جو ڪارڻ ٿيندسُ-ٿيندس. هي پرميشور توهان مونسان پريم ڪندا آهيو. مونسان پريم ڪندا آهيو. نيڪ منهنجي هن ننڍي گهر ۾، توهان مونسان پريم ڪندا آهيو، مان توهانجي خاص سنتان آهيان، مان توهانجي اکِ جي پُتلي آهيان، توهان مونسان پريم ڪندا آهيو.

توهان پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو ۽ اِن ڳالهہ کي ڄاڻيو ۽ گيان رکو تہ توهان پرميشور جي پريم سان گهريل آهيو ۽ ان ۾ ٻڌل آهيو، بائيبل چوندي آهي تہ هُن توهانجو چهرو پنهنجيءَ تري تي کوٽائي ناهيو آهي (يشاياهہ) مان هنکي هتي ڏسي سگهان ٿي، هو چون پيا ڏسو هتي ڏسو ؟ ڇا هي خوبصورت ناهي ؟ مان هنسان جام پيار ڪندو آهيان، منهنجي سنتان کي ڏسو، منهنجي تريءَ تي نهيل هنن جي چهرن کي ڏسو. هُن توهانجو چهرو پنهنجي طرف رکيو آهي جيئن لڳاتار هو توهان کي ڇئي سگهي تہ هو توهان سان پريم ڪندو آهي ۽ توهانکي هو پنهنجو ڪرڻ ٿو چاهي.

پرميشور جا شڪرانا مڃڻ ياد رکو ۽ هنکي پنهنجو ڪري سنبنڌن کي اڳيان واڌايو. ڪڏهن-ڪڏهن ڪنڌ جهڪائي ڪري يا ليٽي ڪري پرميشور جا شڪرانا مڃو تہ اسان جو اُڌار ٿي ويو. اندران پرميشور کي پريم ڪريو. صفحہ ۱۷،۱٦:۴ ۾ پڙهو، ”پرميشور پريم آهي جيڪو

پريم ۾ رُميل ھوندو آھي اُھو پرميشور ۾ رميل ھوندو آھي ۽ پرميشور اُن ۾ رميل ھوندو آھي.''

ان مان ٿي (اڪيلائي ۾ اُن سان پنھنجو ٿيڻ) پريم اسان ۾ اُپريو ۽ اسان سمپورڻ ٿياسي. جيئن اسان سان انصاف ٿئي.

پرميشور توھان سان پيار ڪندو آھي. اِھو ڄاڻي اُن تي توھانجو وشواس ۽ وشواس ڪرڻ جو ٻل وڌندو آھي.

پرميشور کي پريم ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ تي توھانکي سڀ آسيسون پراپت ٿينديون، مضبوط وشواس، پاپ تي وجئہ، چڱائي، سمِرڌي ۽ آنند. اھي سڀ ڳالھيون تڏھن ٿينديون جڏھن توھان پرميشور کي پريم ڪرڻ جي اِجازت ڏيندا. وڌيڪ ڪري اسان انجو اُلٽو ڪندا آھيون ۽ سوچيندا آھيون، ''مونکي ئي پرميشور سان پريم ڪرڻو آھي''، منھنجو وشواس آھي پھرين توھان پرميشور کي پريم ڪرڻ ڏيو. مان نٿي مڃان تہ پرميشور جي پريم کي پائي بنا توھان پرميشور لاءِ پريم ڏيکاري سگھندا.

مان توھان کي چوان ٿي تہ پرميشور سان سھپاڳي ٿيو ۽ اھو بہ تہ پرميشور سان سھپاڳي ٿيڻ جي توھان کي سخت ضرورت آھي پر توھان سھپاڳي ٿيندا ڪيئن ؟ جڏھن پرميشور مونکي چيو تہ مان ھنکي سھپاڳي ڪيان، مان پلنگہ تي ويھي رھيس ۽ مون چيو، ''ھاڻ مان ڇا ڪيان، ھي پرميشور ؟'' اِھو صحيح آھي. مونکي خبر ناھي تہ

پرميشور کي سهپاڳي ڪيئن ڪيو آهي ؟ ڇو تہ اُن وقت تائين مونکي سچپچ خبر نہ هئي تہ پرميشور مونکي ڪيڏو پريم ڪندو آهي.

توهان ماڻهن جي لاءِ پنهنجون پاوناٿون ڪيئن ڏيکاريندا آهيو. صرف اُنهن سان پيار ڪري ۽ اُنهن جي ساراهہ ڪري. اگر توهانکي خبر ئي نہ هجي تہ هو توهان سان پريم ڪندا بہ آهن يا نہ ؟ توهانکي ڊپ لڳندو تہ توهان بيوقوف تہ نہ سڏايا ويندا، اگر توهانکي خبر آهي تہ هو توهانسان پريم ڪندا ۽ توهانکي اپنائيندا تہ اِهو سؤلو ڪم آهي.

جيڪي جيڪي ڳالهيون مان صرف پنهنجي گهوٽ سان ڪري سگهان ٿي اُهي ڳالهيون ڪي ٻئي سان نٿيون ڪري سگهجن. ڇو تہ مونکي خبر آهي منهنجو گهوٽ مونسان پريم ڪندو آهي،پرميشور سان پريم ۾ بہ ائين ئي ٿيندو آهي.

انڪري اڳيان وڌو ۽ شروعات ڪريو. پرميشور کي هِڪ موقعو ڏيو تہ هو توهانکي سهپاڳي ٿاهڻ سيکاري، پاڻ کان اڄ ۽ هاڻي اِهو سوال پُڇو، تہ ڇا مان، پرميشور سان گڏ سُکي محسوس ڪيان ٿو. سؤلو محسوس ڪيان ٿو.

# 4

# پريم، پروسو ۽ وِشواس

**۽ (اگر اسان) اسان مسيحہ يِيشو ۾ نہ هُجون، نہ هُجون تہ اسان ڪنهن بہ ڪَم جا نہ آهيون، پر صرف اِهو وشواس پريم جي دواران ئي اثر ڪندو آهي.**

**اسان مان ڪيترائي وشواس کي پائڻ جي ڪوشش ۾ وقت لڳائيندا آهن، اسان ڄاڻون ٿا تہ وِشواس بنا پرميشور کي موهڻ مشڪل آهي. (ابرانيو ٦:١١) اِنڪري اسان وڏيڪ محنت ۽ اڃان بہ وڏيڪ وشواس پائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. پر وشواس جو سنبنڌ دل سان هوندو آهي ۽ توهان صرف پرميشور سان گڏ ئي اِهو پريم ڀريو ڀنهنجائپ جو رِشتو رکي سگهو ٿا. مان توهان کي وشواس ڪرڻ نٿي سيکاري سگهان، پر مان توهانکي وشواس جا اُصول سيکاري سگهان ٿي ۽ توهان**

۾ ايتري بڪ-اُچ جاڳائي سگهان ٿي جو توهان اُن کي پائڻ لاءِ ڪُجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. اِهو صرف پرميشور جي اُن پرڪاش دواران ملندو آهي.

وشواس پائڻ جي لاءِ ۽ پرميشور کي خوش ڪرڻ لاءِ وڏيڪ محنت ڪرڻ بند ڪيو ۽ پرميشور کي وڏ ۾ وڏ مؤقعا ۽ وقت ڏيو، هُن کي پريم ڪندي ڪندي، سڄو ڏينهن پرميشور سان پريم ڪندا رهو ۽ هنکي توهان سان پريم ڪرڻ جو موقعو ڏيو. ڇو تہ اسان روپ کي ڏسي نہ پر وشواس تي هلندا آهيون. (اسان پنهنجي جيون جو سنڀالت ۽ سنڀال اُن وشواس سان ڪندا آهيون جنهنجو آڌار منشيہ جو پرميشور ۽ اللاهي ڳالهين سان سنبنڌ آهي ۽ هُن ڀروسي ۽ پوتر ڏُن سان هلندا آهن). ۵:۷ ڪرونتيون ۲

هِڪُ دفعو مان اِن وچن کي پڙهي رهي هُئس، پرميشور منهنجي دِل ۾ ڪجھ ضروري ڳالهيون چيون، مان وِشواس سان هلڻ سکي رهي هُئس. مان جيون جي هر ڳالهہ ۾ مان وشواس سان هلڻ پيئي چاهيان، ايمپلي فائيڊ بائيبل ۲ ڪور ۵:۷ ۾ لکيل آهي، ”اسان پنهنجي جيون جو سنڀالن ۽ سنڀال اُن وِشواس سان ڪندا آهيون جنهنجو آڌار پرميشور سان اسان جي سنبنڌن تي اسانجي ڌارٽا آهي، ٻين اکرن ۾ منهنجي ۽ پرميشور جي وچ جي سنبنڌن تي منهنجي جيڪا ڌارٽا يا وِشواس آهي مان اُنجي آڌار تي وِشواس آهي مان اُهنجي آڌار تي وشواس سان هلندس. ڇا توهان اِن ڳالهہ کي سمجهو ٿا. هِڪُ ماڻهون جيڪو پاڻ کي ڏرمي نٿو مڃي، وشواس سان هلي نہ سگهندو، هِڪُ

انسان جيڪو سوچي ٿو ھو متيءَ جو ھِڪُ ڪيڙو آھي ۽ پرميشور ھُن سان پريم نہ ڪندو آھي. اُھو بہ وِشواس سان نہ ھلي سگھندو، ڪيترائي ماڻھون وشواس جي انوسار ھلڻ جي ڪوشش ڪندا آھن، پر ھو پنھنجي دل ۾ اُنھن ٻي ڳالھين جو ويچار نٿا ڪن.

غلطيون ٦:٥ ۾ لکيل آھي، وشواس پريم جي دواران ئي اثر ڪندو آھي. پرميشور اِھا ڳالھہ منھنجي دل ۾ وڌي، ”سڀ سوچيندا آھن تہ اھو وچن جو مطلب ناھي اَگر ھو ٻين سان پريم نٿا ڪن، اُنھن جو وشواس ڪم نہ ڪندو. پر اِھو سوچڻ صحيح ناھي. اِن جو اصل مطلب اِھو آھي، اگر ھو اِھو نہ ڄاڻيندا تہ مان (پرميشور) اُنھن سان ڪيترو پريم ڪندو آھيان. اُنھن جو وشواس ڪم نہ ڪندو.“ وشواس بنا پريم نہ ڪندو، پر ماڻھن لاءِ اسانجو پريم ناھي جو اثر پئدا ڪري. اِھو پرميشور جو پريم آھي، ھُنکي پريم ڪرڻ ڏيو، تڏھن توھانجو وشواس ڪم ڪندو.

اِنھن ٻنھي ڳالھين ۾ فرق آھي، پرميشور تي ڀروسو ڪري وِشواس سان ھلڻ مطلب پرميشور تي ڀروسو رکڻ ۽ سڀني ڳالھين لاءِ اُن تي وشواس ڪرڻ، توھان ڪنھن سان اِھو نہ ڪري سگھندا، اگر توھان کي اِھو خبر نہ ھُجي تہ ھو توھان سان پريم ڪندو آھي. توھان اِھو سڀ وساري بہ ڇڏيو ھان اگر توھان پرميشور جي پريم کي نہ سڃاڻو ھان تہ، جيڪو توھان جي لاءِ آھي. توھان ڪڏھن بہ پرميشور تي ڀروسو نہ ڪري سگھندا.

اگر توهان کي سچپچ اِها خبر هُجي ته پرميشور توهان سان ڪيترو پريم ڪندو آهي، چڱائي حاصل ڪرڻ ۾ توهانکي گهڻ محنت لڳندي. ان طرح مالي مدد حاصل ڪرڻ ۾ به گهڻ محنت ڪرڻي پوندي.

توهانجي حاصل نه ڪري سگهڻ ڀنيان ڪارڻ آهي، توهان سچپچ وِشواس نٿا ڪيو ته پرميشور اُهو سڀ توهان کي ڏيئي رهيو آهي. توهان شايد اِهو ڪيو، ''مان وشواس ڪرڻ ته چاهيان ٿو-ٿي پر ڪيئن ڪيان ؟''

توهانجي اندر پرميشور جو پريم آهي، ۽ توهان کي صرف ايترو ڪرڻو آهي ته جنهن مهل هو اُهو ڏيکاري، توهان هُن کي مڃون، بائيبل چوندي آهي، ''اسان هُن سان پريم ڪندا آهيون ڇو ته هُن پهريون اسان سان پريم ڪيو. (١ صفحہ ١٩:۴) توهانجي لاءِ پرميشور سان پريم ڪرڻ نامُمڪن آهي. جيستائين توهان اِن حقيقت کي نٿا چاڻو ۽ مڃو ته هُن پهرين توهان سان پريم ڪيو.

هي سڀ توهانجي اندر آهي. توهانجي دِل جي اندر جتي پرميشور توهان سان پريم ڪندو آهي. توهان اڏپود آهيو، توهان خوبصورت آهيو، توهان قيمتي آهيو، توهان خاص آهيو، پرميشور توهان سان پريم ڪندا آهن، سنسار ۾ ڪوئي به توهان سان اوڙو پريم نه ڪندو جيئن پرميشور توهان سان ڪندو آهي.

توهانکي ڪنهنجي ضرورت ناهي، صرف پرميشور کپي، پر

پرميشور ٻين ماڻهن کي به توهانجي زندگيءَ ۾ موڪليندو، سچ ته اِهو آهي ته اگر صرف توهان ۽ پرميشور هُجو هان ته سڀ ڪُجهه سٺو هُجي هان، پرميشور توهانجو سڀني کان وڏو دوست آهي. هو توهانجو ساٿي هجي هان اگر توهانجو ساٿي نه هجي هان. هو توهانجو ماءُ پيءُ هُجن هان اگر توهانجا ماءُ پيءُ ناهن ته.

پرميشور توهان سان جام پريم ڪندا آهن. اُن ئي آڌار تي توهان کهڙي به ڳالهه ڪري هُن تي وِشواس ڪري سگهو ٿا. پرميشور توهان کي ايترو پريم ڪندا آهن جو هو چاهن ٿا ته، توهان کي اُهو سڀ ملي جيڪو توهان چاهيو ٿا ۽ جيستائين توهان اِهو ڄاڻو نٿا ته پرميشور ڇا ٿا چاهِن توهان وِشواس ۾ پئجي ڪم نه ڪري سگهندا جيئن توهانکي اُنجي پراپتي ٿي.

پرميشور کي پريم ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ تي وشواس ڪم ڪندو آهي. هو توهان جي دواران ٻين سان پريم ڪرڻ يا اُن سگهه جي آڌار تي ڪم نه ڪندو آهي. پرميشور کي توهان سان پريم ڪرڻ ڏيو ۽ سڄو ڏينهن پرميشور کي ٻڌائيندا رهو ته، ” هي پرميشور، مونکي خبر آهي، ته توهان مون سان پريم ڪندا آهيو. هاللي ليويا. هي پتا، مان توهانجي پوڄا ٿو ڪيان، مان توهانجو نالو ٿو جپيان.“

سمٿ وِ غلوِرٿ پرميشور جو وڏو ڀڳت هو، اُن کان ڪنهن پُڇيو ڇا هو پرارٿنا ۾ جام وقت لڳائيندا آهن ۽ هُن جواب ڏنو، ”مان شايد ئي ڪڏهن اڌ ڪلاڪ کان مٿي پرارٿنا ڪندو آهيان.“ پر بنا پرارٿنا ڪري

اَڌ ڪلاڪ ڪان وڌيڪ نہ رهي سگهندو آهيان. هُن اِهو بہ ٻڌايو تہ اگر بنا پرارٿنا ڪري ۱۵ منٽ بہ گذاريا تہ هُن کي پرميشور سان نہ ڳالهائڻ جو پڇتاءُ ٿيندو اَٿس.

اسان غلط طريقي سان پرارٿنائون ڪري ڦل جي اِڇا رکندا آهيون. توهان پنهنجن ڪمن جي دواران جواب يا ڦل نٿا پائي سگهو. پرميشور توهانکي آسيس ڏيندا ڇو تہ هو توهان سان پريم ڪندا آهن. هو توهانکي سڀ ڳالهيون اهڙي نموني ئي ڏيندا جيئن هُنن توهانجو اُڌار ڪيو.

اگر توهانجي پريوار جو ڪو ماڻهو يا ٻيو ڪوئي اُڌار پائڻ چاهي ٿو، پنهنجون ڪوششون نہ ڪيون. پرميشور کي پريم ڪرڻ جو موقعو ڏيو، جڏهن توهان اُن ماڻهوءَ کي ڏسندا، اُنکي پيار ڪرڻ لاءِ مُنتنصر رهندا. بائيبل چوندي آهي اگر توهان اُنسان پريم ڪندا ۽ هُنکي اکرن يا ٻين طريقن سان موهڻ جي ڪوشش نہ ڪندا، توهانکي اُنکي ييشو وٽ وٺي ايندا. پرميشور جي آتما پنهنجي پريم جي پرڀاوَ سان توهانجي پريوار جي ماڻهن کي کينچي وٺندو، پر توهان ٻين سان پيار نہ ڪري سگهندا. جيستائين توهان پرميشور کي پريم جي اِجازت نہ ڏيندا.

اِفسيون ۲:۸ ۾ لکيل آهي - ڇو تہ وشواس جي دواران انوگرهہ سان توهانجو اوڌار ٿيو هو..... ڇا توهانکي خبر آهي تہ اوڌار پائڻ جي لاءِ ڪڇ ڪونہ ڪيو آهي ؟ اِسان مان ڪيترائي اوڌار پائڻ وقت خراب

حالت ۾ ھئا ۽ ييشو اَسان جو اوڌار سني/پلي ڪمن يا ڪيئن يوگيتا جي آڌآر تي نہ ڪيو آھي. اِن جو صرف ھڪ ئي ڪارڻ ھيو، جو پرميشور اسان سان ايترو پريم ڪيو جو ھن پنھنجو اڪيلو پٽ ڏيئي ڇڏيو، جيئن ڪوئي بہ اُن تي وشواس ڪري، ناس نہ ھو پر اَننت جيون پائي (صفحو ٦ ١:٣)

انوگرھہ جو مطلب اِن پرڪار بہ ڏيئي سگھبو آھي تہ ھو اَسانجي جيون جون سڀيئي اِشائون پوريون ڪرڻ لاءِ پرميشور جي يوگيتا پورڻ ڪرڻ لاءِ پرميشور جي مرضي آھي. جيئن پرڪار پرميشور اَسانکي پرياپت وشواس ڏنو تہ جيئن اَسانجو اوڌار ٿئي سگھي. اُن ئي پرڪار پريم جي ڪارڻ اُھو اَنوگھر ڏيندو آھي تہ اَسان اُن وشواس کي پائي اُن تي وشواس ڪري سگھون تہ ھو اَسانجو ڀلو ڪرڻ وارو آھي. ھو توھانکي وشواس ڏيندو آھي تہ توھان اُن تي پوري طرح سان وشواس ڪري سگھو.

اَگر اُھو وشواس ھن جيڪو اَسانکي ڏنو، اِيترو مظبوط ھو ڪي اَسان پنھنجن پاپن کان اوڌار ڪري سگھون، تہ اُھوئي وشواس اَسانجي اَندر بہ ايتروئي مظبوط آھي جو ھو جيون پر اَسانجي ٻين اِڇائُن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري سگھي. اَگر توھان وشواس ڪيو ٿا تہ پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھي تہ توھان اُن پريم کي سڃاڻڻ شروع ڪري ڇڏيندا آھيو. تڏھن توھان اُن تي وشواس ڪرڻ بہ شروع ڪري ڇڏيندا آھيو. توھان کي وشواس ٿي ويندو تہ پرميشور جا وچن سچا

آهن. توهان اِهو چاڻي وٺندا تہ هو توهانسان پريم ڪرڻ جي ڪارڻ ڪڏهن توهان سان ڪوڙو ڪونہ ڳالهائيندو.

اِمپلي فائيڊ بائيبل جي مطلب جي حساب سان، "وشواس" جو مطلب آهي طاقت، ٻُڌي ۽ ڀلائي جي سگهہ تي وشواس ۽ نرپرتا رکي پنهنجو سڄو جيون اُن تي (پرميشور) سمپرڻ ڪي وجڻ. (ڪلوُ ۴:۱) جڏهن توهان پرميشور کي توهان سان پريم ڪرڻ ڏيندا، توهان اُن سان پريم ڪرڻ ۽ اُن تي وشواس رکڻ سکي ويندا ۽ توهان وشواس ڪندا.

# 5

# ڊپ کان مُڪتي

> پريم ۾ ڊپ نہ هوندو آهي نہ تہ سچو پريم ڪانپوءِ (سچو ۽ مظبوط) ڊپ (آتنڪ ۽ ڊپ جو نالو) کي مٽائي ڇڏيندو آهي. ڇو تہ ڊپ جو ڏکہ (سزا جو ويچار) ٿيندو آهي ۽ (انڪري) ڊپ ٿيندو آهي تہ اُهو سچو پريم نہ ڪري سگهيو (پريم کي مضبوط نہ ڪري سگهو).

اسان اڪثر اِهو مڃي خوش رهندا آهيون تہ پرميشور اسان سان پيار ڪندو آهي ۽ اسان اُن تي وشواس ۽ ڀروسو ڪندا آهيون. پر اُن وقت اچانڪ اَسان تي حملو ٿي ويندو آهي.

حالتيون وشواس جي مٿان حاوي ٿي ويندون آهن اُن جو مطلب تہ خراب ڳالهيون اَسان سان ٿي ويندون آهن. جيستائين حالتون نيڪ

رهنديون آهن پرميشور توهان سان پريم ڪندو آهي اِهو وشواس ڪرڻ ۾ توهان کي ڪائي تڪليف نہ ٿيندي آهي.

تڏهن شئطان ڊپ ۽ ڏوهہ جي ڀاونا ڪٽي توهانکي پرميشور جي پريم جيڪو توهانکي آزاد ڪندو آهي، الڳہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هاڻي چئو، اِهو ڇو ٿيو ؟ هو چوندو آهي مان سوچيندو هوس تہ پرميشور تون سان پيار ڪندو آهي، پر پوءِ اهي خراب ڳالهيون تونسان ڇو ٿيون ٿين ؟ تو ضرور ڪجھ خراب ڪم ڪيو هوندو، پرميشور سچ پچ تونسان ناراض آهي.

تڏهن تونسان پنهنجو وشواس وڃائي ڇڏيندا آهيو ۽ پرميشور توهانجي مدد ڪيئن ڪري جڏهن ڪي توهان پنهنجو وشواس وڃائي چُڪا آهيو. توهان وشواس ۾ مظبوط، وشواس سان ڀرپور ناهيو، اَگر توهان نٿا ڄاڻو تہ پرميشور توهان سان پريم ڪندو آهي. اَگر توهان شئطان جي طرف کان اپراڌ جو بوجھہ ۽ ڊپ کي اپنائي ڇڏيندا آهيو تہ توهان اِهو نہ ڄاڻيندا آهيو تہ پرميشور توهان سان ڪيترو پريم ڪندو آهي.

۱ صفحہ ۱۸:۴ ۾ پڙهو، هڪ ڪتا ۾ لکيل آهي، صابت پريم ڊپ کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو آهي، مان اِن وچن کي گهڙي گهڙي پڙهيو ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، آخر هڪ ڏينهن پرميشور منهنجي آتما ۾ هن جو مطلب سمجهايو. صاحب پريم ڊپ کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو آهي ۽ پرميشور اِهو صابت پريم آهي. جڏنهن توهان اِهو ڄاڻي وٺندا تہ توهان جي لاءِ هن جو پريم ڪيترو سچو آهي تڏهن سچي سرشٽي

۾ اِھڙو ڪجھہ بہ نہ جو توھان کي ڏڪائي سگھي. توھان جي لاءِ ڏڪڻ ناممڪن آھي. اَگر توھان سچ پچ اُن جو اُھو پرڪاش پائي چُڪا آھيو تہ پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھي.

اَگر توھان اِھو چاڻو ٿا تہ پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھي، تڏھن ناڪاميابي جو ڊپ مشڪل آھي. جڏھن توھان پرميشور مٿان نرڀر آھيو، تہ توھان ناڪامياب نہ ٿا ٿي سگھو. توھان صرف تڏھن ناڪامياب ٿي سگھندا آھيو جڏھن توھان پاڻ تي نرڀر ھجو. اَگر توھان چاڻو ٿا تہ پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھي تہ توھان ناڪاميابي کي نہ ڏڪندا، اَگر توھان چاڻيو ٿا تہ پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھيو تہ توھان بيضتي ٿيڻ جي ڊپ کان نہ ڏڪندا.

پرميشور جو پريم ايترو تہ پرڀاوشالي آھي جو ھو سڀني ڳالھين کي سچاڻي وٺندو آھي. ڇا توھانکي لڳي ٿو تہ اھو ھي پرميشور جيئن توھان جو اوڌار ڪيو، جنھن توھانکي آزاد ڪيو، توھانکي ڏوھي ٺھرائيندو ؟ شئطان توھانکي ڏوھي ٺھرائيندو، پرميشور توھان کي توھانجي جيون ۾ پاپ جي سبق ۾ آزاد ڪندو ۽ اُن مان نڪرڻ جو رستو ڏيکاريندو. شئطان توھانکي ڏوھي ٺھرائيندو ۽ چوندو تہ اِن مان نڪرڻ جو ڪوئي رستو نہ آھي.

اِمپلي فائيد بائيبل ۾ اِھو وچن لکيل آھي -

پريم ۾ ڊپ نہ ھوندو آھي نہ تہ تہ سچو پريم ڪانپوءِ (سچو ۽

مظبوط) ڏپ (آتنڪ ۽ ڏپ جو نالو) کي مٿائي چڙهيندو آهي. جو تہ ڏپ جو ڏکہ (سزا جو ويچار) ٿيندو آهي ۽ (انڪري) ڏپ ٿيندو آهي تہ اُهو سچو پريم نہ ڪري سگهيو (پريم کي مضبوط نہ ڪري سگهو).

ڪيترائي ماڻهو سوچيندا آهن پوتر شاستر ۾ اِنهن وچنن جو مطلب آهي تہ اَگر هو پرميشور سان پورڻ پريم رکندا تہ هو پرميشور کان ڪڏهن نہ ڏڪندا يا توهان ڪنهن سان بہ پورڻ پريم رکندا تہ ڏپ توهان جي جيون کي ڇڏي هليو ويندو پر وچنن جو مطلب اِهو ناهي.

اِن جو مطلب آهي ڪي اگر توهان پرميشور کي توهان سان پريم ڪرڻ ڏيندا. تڏهن توهانکي ڏپ نہ ٿيندو. اَگر توهان پنهنجي جيون ۾ ڏپ نٺا چاهيو تڏهن توهانکي پرميشور کي موقعو ڏيڻو پوندو تہ هو توهان سان پريم ڪري. وشواس سان پرميشور جي پريم کي اَچ ئي ۽ هاڻي ئي سويڪار ڪيو، وشواس ۾ اَڳيان وڌو ۽ پنهنجي لاءِ پرميشور جي پورڻ پريم کي اِپنايو.

جڏهن کان پرميشور مونکي ڏپ کان مُڪتي ڏيڻ واري پنهنجي پريم جي پرڪاش کي ڏنو آهي منهنجا سڀ ڪم سؤلا ٿيا آهن. اَسان جي ڪار ۾ گڙبڙ ٿئي ويئي، اَسان سوچيو تہ ٽرانسميٽر خراب ٿي رهيو آهي، اَسان جي ڪار ۾ هڪ وڏو ٽرانسميٽر هُيو، اگر اهو سچو خراب ٿي وڃي ها تہ گهٽ ۾ گهٽ ۴۰۰ يا ۵۰۰ ڈالرن جو خرچ اچي هان. پر اسان وٽ ايترا رپيا نہ هئا اِنڪري بدلائڻ بنا هي اَسان هُن کي ائين ئي هلائيندا رهياسين.

پرميشور ھڪ ڏينھن صبح جو مونسان ڳالھايو، جئائِس، اَڄ سڄو ڏينھن مون سان پريم ڪندي گذار ۽ مان تو سان پريم ڪندس بس توکي ٻيو ڪجھہ بہ نہ ڪرڻو آھي. توکي وڏو وشواس ڪرڻ جي ضرورت نہ آھي توکي صرف مون سان پريم ڪرڻو آھي ۽ مونکي موقعو ڏيڻو آھي تہ مان پريم ڪري سگھان، مونکي پريم ڪرڻ ڏي.

اِنڪري مان سڄو ڏينھن پنھنجو پاڻ کي اُن پوتر وشواس ۾ رکي گيت ڳائيندي رھيس، پرميشور ۾ لين رھيس ۽ ھڪ انوکو وقت گذاريو، تڏھن اچانڪ ھي مان پنھنجي گھوٽ کي غئريج ۾ ٻڌو، پر ھو تہ اَڃا ۴۵ منٽ پھرين ئي ڪم تي ويو ھو. اُنھن دروازو کوليندي چيو تہ، مان ڪار کي پھرين گيئر ڪان مٿي نٿو ڪٺي سگھان، اسانکي ھاٽي ڪار بيھاري چڏڻي پوندي.

مان ڦٽا ڦٽ دروازو بند ڪيو ۽ ڪلڻ لڳس، مون اھڙو ڪجھہ بہ نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ھو پر، اِھو پاڻ ئي ٿي ويو. اِھا ڪل منھنجي آتما مان نڪري رھي ھئي، پرميشور مونکي ڏيکاريو تہ اِھو اِنڪري ٿيو جو مان سڄو ڏينھن پرميشور کي پريم ڪرڻ جو موقعو ڏنو اِنڪري مان ھن وقت ڪلي سگھي ھئس، پرميشور کي پريم ڪرڻ ڏيڻ جو مطلب آھي، دروازو کولي رکڻ جيئن وشواس توھانجي اندر مان ٻاھر نہ وڃي سگھي. مان بس ڪلي رھي ھئس ۽ اِھو اُھو وشواس ھو.

ابراھيم بہ وشواس جي ڪل ڪلي رھيو ھو. جڏنھن پرميشور اُن وٽ ھڪ دوت موڪليو ۽ اُن کي چيو تہ اُن جي گھر پٽ جو جنم ٿيندو.

ابراهيم ڪلندي چيو، هي پرڀو ! توهان مهان آهيو، منهنجو پورو وشواس آهي، پر سچو شڪ ۽ اوشواس جي ڪلي ۽ پرميشور اُن جي شڪ ۽ اوشواس کي ڏسي ٿوڪيو، پرميشور ابراهيم کي نہ ٿوڪيو نہ عتراض ڪيو ڇو تہ هوءِ وشواس جي ڪل هئي.

جڏهن شئطان توهان جي وروڌ ۾ ايندو آهي تہ توهان کي خبر آهي تہ هو ڪوشش ڪري رهيو آهي - بيغووفاٽي ۽ ڪلڻ واري ڳالهہ جي ۽ توهانجو پرميشور هن کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيندو. تڏهن توهان کي ٻڇ نہ لڳندو ۽ توهان وشواس سان ڪلندا. توهان کي خبر آهي تہ پرميشور توهان سان پريم ڪندو آهي ۽ هن توهانکي ٻڪي رکيو آهي.

ان ڪري هي جڏهن مان ڪار جي ٽرانسميٽر کي سوچي ڪلي رهي هئس تڏهن پرميشور شانت ۽ ڌيمي آواز ۾ منهنجي دل ۾ چيو، هوُ ايڪدم پنهنجائپ جو آواز هو، هن مونکي ٣ دفعا چيو، اگر تون مونسان انئي پرڪار ڪم ڪندي رهنديءَ، تہ مان توکي ڪڏهن بہ ناراض نہ ڪندس، مونکي لڳو تہ اهو آواز وايومنڊل مان آيو هو، مان توکي ڪڏهن بہ نراس نہ ڪندس، مان توکي ڪڏهن بہ نراس نہ ڪندس.

اگر توهان پرميشور ۾ سمائجي وڃو ۽ اُن کي پريم ڪرڻ جو موقعو ڏيو ۽ اُن سان پريم ڪيو، تہ توهان اُنهن سيني ڪوشش کي وسري ويندا جيڪي توهان وشواس کي مظبوط ڪرڻ لاءِ ڪم آينديون. صرف توهان پرميشور کي توهان سان پريم ڪرڻ ڏيو ۽ اُن سان پريم ڪندا

رھو جيستائين ھو توھانجون منوڪامنائون پوريون نہ ٿو ڪري، پرميشور جو پريم توھانجي اَندر ضرور جاڳندو ۽ توھانجي سڄي ڏپ کي پري ڀڄائي ڇڏيندو.

# 6

# پريم جو دائرو وڌي ويندو آهي

۽ مونکي اُن مان آگيا ملي (ڪاريہ پار، آديش، ڌرم آگيا) تہ جيڪو بہ پرميشور سان پريم رکندو آهي اُهو پنهنجي ڀاءُ (وشواسي) سان بہ پريم رکي.

يهونا - ۱ ۴:۲۱

توهان پرميشور جي خاص سنتان آهيو. اُن ڪٿا ٦:٧ ۾ چيو آهي، اگر توهان اُن جي انوسار ڪم ڪرڻ لڳا تہ هو اِهو سنسار بدلي ڇڏيندو، توهان سُپر بازار ويندا، ڇهري تي مُشڪ ڪٽي، سامان جي ٽوڪري ڪٽندي چوندا، مان جنهن ڪي بہ ڇوهندس اُهو آسيس پريو هوندو، هاللي ليوا. اچ منهنجي هن اسٽور ۾ اچڻ جو ڪارڻ آهي تہ هن ڌنيہ آهن، هنن جو درشن ٿي، سڄي اسٽور ۾ خوشي سان گهمندي ۽

ڳائيندي توهان جتي بہ وڃو، پنهنجو پاڻ کي خاص سمجهو.

جڏنهن اسان اهو ڄاڻڻ لڳو ٿا تہ ڪيترا خاص آهيون، اسان اُن طرح ڪم ڪيون ٿا، جئين پرميشور اسان سان پريم ڪندو آهي، اسان سنسار کي ييشو لاءِ کٽي سگهندا آهيون، پريم جو دائرو وڌندو ويندو ۽ جهنگل جي باهہ وانگر ڦهلجندو ويندو، پر اگر توهان ڪيڏانهن بہ وڃو ۽ چئو تہ توهان مسيهي آهيو ۽ ٻين تي رڙيون ڪيو، تہ ڪوئي فائدو نہ ٿيندو پر اگر توهان چئو، مان مسيهي آهيان، مان مسيهي آهيان. پر جڏهن هڪ ڪار توهانجي سامهون اچي بيهندي ۽ توهان رڙ ڪندا، ٻاهر اچ ، ڊمي، منهنجي رستي مان پاسي ٿي، ڇا تون نہ ٿو ڄاڻين تہ مونکي چرچ وڃڻو آهي ؟ مونکي ميٽنگہ يا سڀا جي لاءِ دير پئي ٿي، بيوقوف!

اسان اڪثر انهي پرڪار جو وهنوار ڪندا آهيون، ڇا توهان جيہ کي اپنائڻ جي لاءِ تيار آهيو؟ توهان آتما جي ڪيتر ۾ پنهنجي دائري کي وڌايو ۽ جيہ کي پراپت ڪيو ۽ چئو، شئطان بس ٿي ويو، تون ڪوڙ ڳالهائي ۽ ڊپ ڏيکاري مونکي گهٽو بتڪائي ڇُڪين، پر هاڻي مان ييشو جي نالي جي جيہ کي اپنائڻ وارو آهيان. ڇو تہ پرميشور مونسان پريم ڪندا آهن، ۽ تون ان باري ۾ ڪجھ نہ ڪري سگهندي.

توهان جي اندر پرميشور جو پريم توهانجي ڊپ کي مٽائي ڇڏيندو ۽ توهان ٻين تائين پنهنجي پريم جي دائري کي وڌائڻ ۾ ڪڏنهن نہ ڊڄندا، جڏنهن پرميشور توهانکي چون ٿا تہ هو توهان جي

پاران مهان ڪمن ڪي ڪندا ڇو تہ ييشو پنهنجي پتا وٽ وڃي چُڪا آهن، تڏهن هو چاهين ٿا تہ توهان اُنهن تي وشواس ڪيو. ڇا توهان سچ پچ وشواس ڪيو ٿا تہ پرميشور توهان جو اِستعمال ڪندا ؟ پرميشور توهانکي هو سڀ ڏيندا جنهن تي توهانجو وشواس آهي، توهانکي وشواس ۾ قدم اڳيان وڌائڻ ۾ ڪڏنهن بہ ڊپ نہ لڳندو.

مان تونهانکي ٻڌائي نٿي سگهان تہ ڪيترا دفعا مان وشواس جي چوٽيءَ جي ڪناري تي بيٺي هئس، جتان ڪوبہ ڪم ڪرڻ ۾ ڊپ لڳندو هو پر پرميشور چوندا هئا، اڳيان وڌ جُٺائِس، جُٺائِس اڳيان وڌ ، مان تنهنجي پاران وڏا وڏا ڪم ڪندس، اَڳيان اچ، ۽ مان وشواس سان ٽپو ڏنو ۽ پرميشور مونکي هڪ دفعو بہ لڄ جو سامنو ڪرڻ نہ ڏنو.

ڇا توهانکي خبر آهي تہ اڳيان وڌندي وقت مان چنتا ڇو نہ ڪندي آهيان ۽ ناڪيامبي کان ڇو نہ ڏڪندي آهيان ؟ ڇو تہ مونکي خبر آهي پرميشور مونسان پريم ڪندو آهي، هو مون سان پريم ڪندو آهي ۽ اُنهن کي خبر آهي تہ مان بہ اُنهن سان پريم ڪندي آهيان ۽ اُنهن کي اپنائڻ جي لاءِ مان پنهنجو جيون اُنهن کي سمرپت ڪري ڇڏيو آهي. اگر توهان ائين ڪيو ۽ پرميشور سان پريم ڪندا آهيو، ۽ هو بہ توهان سان پريم ڪندو آهي تہ هن سرشٽي ۾ اهڙي ڪابہ روڪاوٽ نہ آهي جنهن تي توهان جيہ نہ پائي سگهو.

ڪير اسانکي مسيهي جي پريم کان الڳ ڪندو ؟ ڇا ڪليش يا سنڪٽ، يا ٻوڏ يا سُڪ، يا ٻُکہ يا اُڃ، يا خطرو يا تلوار ؟

جئين تہ لکيل آهي اسان تنهنجي لاءِ سڄو ڏينهن گهات ٿيندا آهيون، اسان ڪپجڻ واريون اُهي پيرون آهيون.

پر اِنهن ڳالهين ۾ اسان اُنهن جي پاران جنهن اسان سان پريم ڪيو، جيہ ڪان بہ وڌيڪ آهن.

چو تہ مان جاڻان ٿو تہ نہ موٗت نہ جيون، نہ سرڳہ جو دوٗت، نہ مهان آتمائون، نہ ورتمان، نہ پوشيہ، نہ سامرٿ، نہ اوچائي، نہ گهرائي، نہ ڪا ٻي سرشٽي، اسانکي پرميشور جي پريم سان، جيڪو اسانجي پرڀو يسُوع مسيحي ۾ آهي، الڳہ ڪري سگهندي.

روميئو ٨:٣٥-٣٩

توهانجي ويچارن ۾ ڪڏهن بہ اِها ڳالهہ نہ اچي سگهندي تہ پرميشور توهان سان ڪيترو وڌيڪ پريم ڪندا آهن تہ توهان آزاد ٿيو. جڏهن توهان دُکي ٿيندا آهيو، تہ پرميشور کي چوٽ پهچندي آهي، ڪڏنهن ڪڏنهن توهان صبح جو اُٿندا آهيو ۽ سڄو توهان جو موڊ خراب رهندو آهي. ڇا توهان سمجهو ٿا تہ مان ڪهڙي ڏينهن جي ڳالهہ پئي ڪريان ؟ توهان پالتو ٻليءَ کي لت هڻندا، ٻارن تي رڙيون ڪندا، پاڙيوارن تي چڙهندا ۽ توهان جي چهري تي اُداسي، مايوسي ڏسڻ ايندي. مان سڄو ڏينهن ڪم ڪندو رهندو آهيان، ڪم ۽ ڪم پر ڪنهنجي بہ زبان تي منهنجي لاءِ تاريف جو هڪ اکر بہ ڪونہ نکرندو آهي.

مان چاڻان ٿي تہ توهان ڪيئن وهنوار ڪندا آهيو ڇو تہ مون بہ اِهوئي ڪيو آهي. جڏهن ٻار گهر ايندا، توهان سوچيندا، ڇو نہ سڄي ڪلاڪن جي بدران چوڏهان ڪلاڪ اِسڪول ۾ رهن ؟

ڇا توهان کي خبر آهي تہ پرميشور کي ان سان ڇوٽ پهچندي آهي ؟ مان اِها ڪوشش نٿي ڪيان تہ توهان کي خراب لڳي، پر مان توهانکي اِهو احساس ڏيڻ ٿي چاهيان تہ توهان وشواس ڪيو تہ پرميشور توهان سان پريم ڪندو آهي. تڏهن توهان اُن جي پريم جو جواب ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيندا. تڏهن هن جو پريم توهان کي پورڻ ڪري ڇڏيندو ۽ توهان مان اُيري ٻاهر نڪرندو ۽ اُن جو دائرو ٻين تائين وڌڻ لڳندو ۽ توهان آزاد ٿي ڪري هڪ پيارو شخص بڻجي ويندا ۽ ديا ڪرڻ جي ڀاونا توهانجي اندر پئدا ٿيندي.

اگر توهان ان ڳالهہ کي ٿامي وٺو تہ پرميشور توهان سان پريم ڪندو آهي، توهانکي توهانجي ڇڱائي ضرور ملندي، توهان سمرڌ ٿيندا ۽ توهانجون سڀ ضرور تون پوريون ٿينديون. ڇو ؟ ڇو تہ توهان پريو ۾ آرام ڪرڻ شروع ڪندا.

پرميشور جيڪو اَسانکي ڏيڻ ٿا چاهين اُن مان گهٽو ڪري اسانکي نٿا ڏيئي سگهن، اُن جو مکيہ ڪارڻ آهي تہ اَسان اُهي شيون پاڻ پراپت ڪرڻ ۾ ايترو تہ رُجهيل هوندا آهيو جو پرميشور اسانکي پڪڙي ئي نہ سگهندو آهي. پرميشور چاهي ٿو تہ اسان اُن ۾ وشرام ڪيون ۽ صرف اُن کي پريم ڪيون. هو چاهين ٿا تہ توهان پرميشور

کي توهان سان پريم ڪرڻ ڏيو ۽ اُنهن ڳالهين کي پراپت ڪيو.

شئطان توهانکي روڪي نٿو سگهي، اگر توهان پريم ڪيو ٿا، ڇو تہ اگر توهان پريم ڪيو ٿا مطلب توهان ڏيڻ چاهيو ٿا. توهان بنا ڏني پريم نہ ٿا ڪري سگهو.

٧:٦ ۾ ڏنل اِنتم ڀاڱہ جو مطلب اِهو آهي (اِمپلي فائيڊ بائيبل ) پرميشور توکي هُن جي خاص پرجا ۽ نجو ڌن ٿيڻ لاءِ چونڊيو آهي.

پرميشور توکي سڃايو آهي، شايد هن وقت توهان جو ڪم صرف گهر ۽ پريوار جي ديکڀال ڪرڻ هجي پر پرميشور توهانکي گهرايو آهي، اگر توهان سچ پچ پرميشور پاران اِستعمال ٿيڻ چاهيو ٿا تہ توهان سچ پچ پرميشور پاران اِستعمال ٿي سگهندا.

پنهنجي سڄي آتمڪ شڪتي کي گڏ ڪري پنهنجي پاڻ تي ۽ پنهنجي ضرورتين تي خرچ ڪيو، جلد ئي، سرل شبدن ۾ پرميشور کي چئو توهان ڇا ٿا چاهيو ۽ پنهنجي وشواس کي ٻين جي اِڇائُن کي پوري ڪرڻ ۾ خرچ ڪيو. ييشو پرار ٿنا ڪندا هئا ۽ پرميشور کان سگهہ گهرندا هئا ۽ پوءِ وچي اُنهن ماڻهن جي مدد ڪرڻ لڳندا هئا جيڪي هنن وٽ آس ڪٽي ايندا هئا.

تڏهن هو پرميشور جو وچن اُنهن کي ٻڌائيندا، اُنهن تي هٿ رکندا ۽ هو انوکو ڪرم پائيندا هئا، هو اڪيلا وچي هڪ ڪُنڊ ۾ ويهي سڄو وقت اِهو وشواس ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندا هئا تہ پرميشور هنن

کي اهو سڀ ڏيندو، جيڪو هنن کي کپندو هو. توهان کي ضرورت آهي تہ توهان پرميشور کي چئو تہ توهان ڇا ٿا چاهيو. پر اِهو سڀ واستوق ڳالهين لاءِ هي هجڻ گهرجي، توهانجي جيون جي سڀ کان وڏي اِڇا ٻين جون اڇائون پوريون ڪرڻ هجڻ گهرجي.

سچي سمرڏي کي صحي طريقي سان سڃاڻو تہ پرميشور جي سگهہ جي سامهون اَڇڻ واري هر اَڇا پوري ٿي سگهندي آهي. پرميشور جو پريم توهان ۾ اُها سگهہ پئدا ڪندو جو توهان ٻين جي اڇائن کي پهريون استان ڏيندا. ڇا توهان اِهو ٿا سوچيو تہ پرميشور توهان سان اوترو پريم ڪندو ۽ توهان کي ايترو يوگيہ بڻائيندو جو توهان پريم جي دائري کي وڌائي اُنهن ماڻهن تان پهچائيندو جن کي پيار ڪرڻ توهان جي لاءِ مشڪل آهي - جيڪي ڪُڙ-ڪُڙ ڪندا آهن ۽ ڪڏهن تاريف نہ ڪندا؟

جيڪي توهان سان پريم ڪندا آهن اُنهن سان پريم ڪرڻ ۾ توهان جو ڪوئي نقصان ناهي، ان ۾ ڪائي ڏکيائي ناهي، ڪوئي بہ پراڻو پاپي بہ اِهو ڪم ڪري سگهندو آهي. پر جڏهن توهان ڪنهن اپريہ شخص سان پريم ڪندا آهيو تہ اُن ۾ پوري جان لڳائي ڇڏيندا آهيو ۽ توهان پريم ڪندا آهيو ۽ ڪندا رهندا آهيو، تڏهن پرميشور جو پريم اُنهن کي بدلي ڇڏيندو آهي.

اِن ۾ شايد هڪ سال لڳي، ٥ سال لڳن، شايد ٢ ٥ سال لڳن، پر اِهو وقت لڳڻ صحيح آهي، پيشو توهانجي لاءِ گهڻو انتظار ڪيو هو؟

پرميشور توھان سان پريم ڪندا آھن ۽ اُنھن سيني سان بہ پريم ڪندا آھن جيڪي توھان جي آس-پاس آھن، چاھي اُنھن مُڪتي پائي ڇڏي ھجي يا ھو اڃان بہ پاپي آھن، ھو انھن سان پيار ڪندا آھن ۽ توھانکي استعمال ڪرڻ چاھن ٿا ھڪ ماڌيم جي روپ ۾، جيئن اُنھن مٿان پريم جو جادون ڪري سگھن.

اڳيان وڌڻ کان نہ ڊڄيو، پرميشور جو پريم توھان جي سڄي ڏپ ۽ ڏوھہ ڀاوَ کي ڀڄائي ڇڏيندو ۽ ھو توھان کي پريم ڪرڻ جي سگھہ ڏيندو، پرميشور جي پريم کي پنھنجي آسي-پاسي وڌائڻ جو سنڪلپ ڪيو، ماڻھن سان ميل جول ۽ دوستي وڌايو، ماڻھن سان دوستي ڪرڻ توھان جو پيشو ٿي وڃڻ کپي ۽ توھان مسيھي جي آتما ۾ ماڻھن لاءِ آس گھرڻ جو ڪارڻ بڻجو.

ماڻھن کي رات جي ماني لاءِ گھرايو ۽ ماڻھن کي سوکڙي ڏيو ۽ وٺو. ماڻھن سان ھٿ ملايو، مسڪرايو. پرميشور توھان کي ھڪ ڪم ڏنو آھي، ھو توھانکي اُن طرح استعمال ڪرڻ ٿو چاھي. جھڙي طرح ھن ڌرتي جي ٻئي ڪنھن پراڻيءَ کي استعمال نٿو ڪري سگھي.

اَھڙا ماڻھو بہ آھن جن تائين صرف توھان پھچي سگھندا آھيو، پر ٻيو ڪوئي نہ پھچي سگھندو پر صرف توھان، پرميشور کان پڇو تہ توھان اُن جي پريم سان گڏ ٻين جي سمپرڪ ۾ ڪيئن اچي سگھندا ھو توھانکي سيکاريندو.

# 7

## پرميشور جو پريم توهانکي بدلي ڇڏيندو

پريم اِن ۾ ناهي تہ اسان پرميشور سان پريم ڪيو، پر
ان ۾ آهي، تہ هن اسان سان پريم ڪيو، اسان جي پاپن
جي پرائشچت جي لاءِ پنهنجي پٽ کي موڪليو.

۱ يهونا ۱۰:۴

پرميشور اسان سان پريم ڪندو آهي پر منوکي نٿو لڳي تہ اسان مان ڪيترا ماڻهو ان ڳالهہ کي سمجهي سگهيا آهن، پرميشور مونکي ڏيکاريو آهي، ان سبق تي منهنجي ڀڄنتي دواران تہ اگر اسان سچ پچ پنهنجي آتما ۾ ڄاڻو تہ پرميشور اسان سان ڪيڏو نہ پريم ڪندو آهي، تہ اسان پنهنجي آتما ۾ مهان ٿي ويندا سين ۽ اڪثر اسان

جيئن آھيون اُن ڪان بہ وڌيڪ الڳہ ٿي ويندا سين ۽ الڳہ ڏسڻ ايندا سين.

پنھنجي لاءِ پرميشور جي پريم لاءِ پاڻ تي چنتن ڪيو. اِھا ڳالھہ توھانکي الڳہ ڪري ڇڏيندي، اگر توھان پنھنجو پاڻ کي ڪنھن ڳالھہ ڪري ناپسند ڪندا آھيو، مونکي خبر آھي تہ مان سڀ ڇاڻيان ٿي تہ پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھي، توھان کي بدلي ڇڏيندو.

توھانکي اِھو ڇاڻي ڪيئن لڳندو تہ ڪوئي توھان سان پريم ڪندو آھي ؟ اِھو ڇاڻي سنو لڳندو ھوندو، ھا نہ ؟ ڇا توھان کي خراب لڳندو آھي ؟ پرميشور مونکي ٻڌايو تہ ڪجھہ ماڻھو جيڪي ھن ڪتاب کي پڙھندا، اُھي پاڻ کي ناپسند ڪندا آھن. توھان جيڪو ڪم ڪندا آھيو، اُن سان نفرت ڪندا آھيو، پر ان سچ کي سويڪار نہ ڪري سگھندا آھيو تہ توھان ھڪ نئي سرشٽي آھيو توھان لڳاتار پنھنجي پراڻي سڀاءُ سان لڙي رھيا آھيو.

جيستائين توھان پنھنجو پاڻ ۾ خراب محسوس ڪندا، پنھنجو پاڻ کي ناپسند ڪندا ۽ نفرت ڪندا ۽ اِھو محسوس نہ ڪندا تہ توھان ڪيترا خاص آھيو، تيستائين توھان ڪڏھن بہ خاص وھنوار نہ ڪندا. بائيبل ۾ لکيل آھي ”چو تہ جيئن توھان پنھنجي من ۾ ويچار ڪندا آھيو، تئين ئي توھان آھيو.“ (نتي وچن ٢٣:٧) ھي سڀ اِنڪري ٿيندو آھي چو تہ توھان اَڃا تائين ’پرميشور توھان سان پريم ڪندو آھي‘ اِن سچ کي اپنايو ناھي. پرميشور توھان کي ڪيترو پيار ڪندو

آهي اِهو ڄاڻڻ سگهه پيدا ڪرڻ آهي.

پرميشور چاهن ٿا تہ توهان هرروز اُنهن سان سنبنڌ رکو، اَن ڳالهہ سان توهان بدلجي ويندا، اگر توهان پرميشور کي پهريون استان نہ ڏيندا تہ اُن کي توهان اُتي رکندا، جتان هو چاهي ٿو تہ هو توهانجي لاءِ ڪجھ ڪري، نہ ڪري سگهندو. توهانکي پرميشور سان گڏ پنهنجو ٿي ڪري وقت گذارڻو پوندو، اُن کي پريم ڪرڻو آهي اُن کي توهان کي پريم ڪرڻ جو موقعو ڏيڻو آهي، اِن ڳالهہ سان توهانجي طرقي ٿيندي ۽ آتمڪ شخصيت هجڻ ۾ بدلاءُ محسوس ڪندا.

ڪيترائي ماڻهون آلسي هوندا آهن ۽ هو ائين نہ ڪندا آهن، هو اِهو پسند ڪندا آهن تہ ٻيو ڪوئي هنن جي لاءِ ڪم ڪري، بهانا نہ ٺاهيو، جيڪو بہ هن ڪتاب کي پڙهي رهيو آهي ۽ پرميشور سان پنهنجائپ نٿو رکي، پر مان جيڪو لکي رهي آهيان اُن جو ڪارڻ اِهو ئي آهي، شئطان اُن جي پٺيان اَچي ضرور اَهو چوندو تہ، پر تو وٽ ٻيو ڪو ڪم ئي ڪونہ هو ڪرڻ لاءِ.

مونکي خبر آهي، اِئين ٿيندو آهي، شئطان اَسانکي هڪ کان هڪ بهانو ڏيندو آهي.

پرميشور جي لاءِ گنير ٿيو ۽ اُن کي پڪاريو. پرميشور جا وچن ۽ اُنسان پنهنجائپ ڪرڻ توهان کي بدلي ڇڏيندو. پرميشور توهان کي سگهہ ڏني آهي. فليپيون ۳ ۱:۴ ۾ پؤلُس لکيو آهي، ”مان مسيهي

چوڻ ۾ جيڪا مونکي سگھہ ملندي آھي، سڀ ڪجھ ڪري سگھندو آھيان.`` ٻين اکرن ۾ سڄي سرشٽيءَ ۾ اَھڙو ڪجھہ بہ نہ آھي جيڪو ييشو مسيھي جي سگھہ سان نہ ڪري سگھجي.

جيئن ئي پرميشور ڪنھن بہ مشڪلات کي پئدا ڪندو آھي، توھان کي اُن جي سگھہ سان جيہ چئي اُن کي ھارائڻو آھي. اَگر توھان اُٿندا ۽ پرميشور جي پريم کي پنھنجي اَندر گرھڻ ڪندا ۽ اُن گندي، دُشٽ شئطان جي ڳالھہ ٻڌڻ کان اِنڪار ڪندا، جيڪو توھان کي چوندو آھي تہ توھان ڪيترا خراب آھيو ۽ توھان ۾ ڪجھہ بہ سٺو نہ آھي، تہ توھان جيونت ٿي ڪري ڪم ڪرڻ شروع ڪندا.

ھاڻي شايد توھان سٺو ڪم نٿا ڪري سگھو. پر جڏنھن توھان وشواس ڪندا تہ توھان اندروني روپ سان ھڪ نئين سرشٽي آھيو، توھان الڳہ طرح سان ڪم ڪرڻ لڳندا. جيستائين توھان اُٿي ڪري اِھو نہ چوندا، ''پرميشور جي استوتي ٿي، مان خاص آھيان، مان پوتر آھيان، پرميشور مونکي چونديو آھي ۽ مونکي ميمني جي خون سان شڌ ڪيو آھي، ھاڻي مان اِن پرڪار ڪم ڪندس، ۽ شئطان مونکي تنھنجي پرواھہ ناھي، مان ڪيتريون بہ غلطيون ڪريان، مان اڳيان وڌندس.``، تيستائين توھان نہ تہ بدلجندا ۽ نہ ئي الڳہ طرح سان ڪم ڪري سگھندا. ''پرميشور مونکي سنڀالڻ ۽ اڳيان وڌائڻ جي لاءِ پرياپت آھي، ھو منھنجي مشڪلات کي دور ڪندو ۽ سڌاريندو رھندو.``

توهانکي کھڙيون مشڪلاتون ۽ ڪننايون روڪي سگھنديون، جڏهن ڪي توهان ڄاڻو ٿا-پرميشور توهان سان پريم ڪندو آهي ؟ هڪ نہ پر سيني ڳالهين تي جيت پائيندا.

ڇا توهان هميشھہ جيتڻ وارا ٿيڻ پسند ڪندا ؟ جواب ڏيو، تہ پوءِ ڇو جيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ توهانکي ڪجھ کپي ؟ اِهو هي هڪ طريقو آهي جنهن سان توهان اڳتي وڌي سگھندا، اگر توهان وٽ ڪابہ مشڪلات يا ڪننائي ناهي ۽ اَهڙو ڪجھہ بہ ناهي جيڪو توهان ڪٽڻ چاهيو، تڏهن توهان پنهنجي وشواس کي ڪنهنتي آزمائيندا ؟

توهان وٽ ايندڙ ڪننائين مٿان جيت پائڻ جو انکي هڪ مؤقعو سمجھو ۽ پتو ڪيو تہ پرميشور ڇا ڪندو ڇو تہ هو توهان سان پريم ڪندو آهي ! اُن وقت توهان پنهنجيون ڪوششون ڍُلجي ويندا تہ ڪئين پنهنجي وشواس کي مضبوط ڪيون ۽ پرميشور جي وشرام ۾ پرويش ڪريون.

جڏنهن توهان پرميشور کي پاڻ سان پريم ڪرڻ جو موقعو ڏيندا ۽ اُن سان پريم ڪندا، اُن وقت هميشھہ هر جڳھہ توهان مدمست ٿي ويچار ڪندا تہ توهان آتما کي پائي ڇڏيو آهي، اُن وقت جيون جون کھڙين بہ پرسٿيتين سان توهان کي ڪوئي بہ فرق نہ پوندو ڇو تہ توهان پرميشور جي پريم ۾ رمضي ڪم ڪندا.

جڏهن منهنجو پوٽر آتما سان لاڳاپو ٿيو، پهريان ٿي هفتا مان

پرميشور جي پريم ۾ مدمست، چور چور ٿي ويس. ماڻھون مونکي چوندا ھئا، ڇا ٿي ويو آھي توکي ؟ تون بلڪل بدليل پئي لڳين مونکي وشواس نٿو ٿئي، جٺائِس توکي آخر ٿيو ڇا آھي ؟ ھي ماڻھو ٿي ھفتا پوءِ اچي پڇندا ھئا، تنھنجي جيون ۾ ڇا ٿيو آھي ؟

مان بدلجي ويئي آھيان اِھو سمجھائڻ جي لاءِ مونکي ھڪ اکر بہ نہ چوڻو پوندو آھي. ھو ڏسي سگھندا آھن. اگر توھان پرميشور جي پريم ۾ پئجي ڪم ڪندا، تہ توھان ھميشھ مسڪرائيندا رھندا. توھان سھڻا لڳندا، توھان جي اندر شڪتي ۽ ھمٿ ھوندي. توھان ٻين جي مدد ڪرڻ جي سگھہ ٿيندا ڇو تہ توھان ھر وقت پرماتما ۾ رميل ھوندا ۽ ٻلوان ھوندا ۽ توھانجي ھر اِڇا پورڻ ٿيندي.

پنھنجو پاڻ کي چئو، ”پرميشور مون سان پريم ڪندو آھي“ ھاللي ليوھا، پرميشور مونسان پريم ڪندو آھي، مان اُن جي خاص سنتان آھيان، پرميشور مون سان پريم ڪندو آھي. ”بس ھاڻي اڳيان وڌو ۽ وشواس جي اَندر ٽپو ڏيو ۽ وشواس ڪيو.“

# هڪ نئين جيون جو انو ڀوَ ڪيو

اگر توهان ڪڏنهن به يسوعَ کي پنهنجو پريو يا اُڌار ڪندڙ نه مڃيو آهي، مان توهان جو سواگت تي ڪيان ته توهان ائين ڪريو، توهان اِها پرارٿنا ڪري سگهو ٿا ۽ اَگر اِن وشيه ۾ سچ پچ گمڀير آيو، توهان مسيهي ۾ هڪ نئين جيون جو اَنوڀوَ ڪندا.

هي پتا پرميشور، مان توهان جي پٽ يسوعَ مسيهي تي وشواس ڪيان ٿو-ڪيان ٿي، جيڪو سنسار جو اُڌار ڪرتا آهي. اهو منهنجي لاءِ ڪراس تي مريو ۽ اُن منهنجي پاپن کي ڪنيو. هو نرڪ ۾ لٿو ۽ اُن مؤت ۽ ڪبر تي جيه پراپت ڪئي. مان وشواس ڪيان ٿو-ڪيان ٿي ته يسوعَ لاشن مان جي اُٿندو آهي ۽ توهانجي ڪاٻي طرف وراجمان آهي، هي يسو مونکي توهانجي ضرورت آهي. منهنجي پاپن کي معاف ڪيو. منهنجو

اُڌار ڪيو. مون ۾ واسو ڪيو. مان نئون جيون پائڻ چاھيان ٿو-چاھيان ٿي.

ھاڻي وشواس ڪيو تہ يِيشو توھانجي دل ۾ واس ڪرڻ لڳو آھي، توھانجا پاپ ڌوئجي ويا آھن ۽ توھان ڌرمي ٺھي ويا آھيو ۽ توھان سرڳہ ويندا.

پنھنجي آسي-پاسي پرارٿنا گھر جي ڳولھا ڪيو جتي پرميشور جا وچن سيکاريا وڃن ۽ مسيھي ۾ وشواس ڪيو. پرميشور جي وچن جي گيان بنا توھان جي جيون ۾ ڪجھ نہ بدلجندو. يوھنا - ٣٢، ٣١:٨ ۾ لکيل آھي، ”اگر توھان منھنجي وچنن ۾ رمضي وجو....توھان منھنجا چيلا چوَرائيندا، توھان سچ کي سڃاڻيندا ۽ سچ توھانکي آزاد ڪندو.“

مان توھانکي پروتساھيت ٿي ڪريان تہ پرميشور جي وچنن کي اپنائي رکو، اُنھن کي پنھنجي دل جي گھرائيءَ ۾ وسائي ڇڏيو، ٢ ڪھور ١٨:٣ جي اَنوسار، جڏنھن توھان پرميشور جي وچن ۾ ڏسندا، توھان يِيشوءَ مسيھي جي تيجوان روپ ۾ ذرو ذرو ڪري بدلجندا ويندا.

پريم سان
جئائِس ميئر

# ليککا جي باري ۾

جئائِس ميئر دنيا جي وڏي ۾ وڏي ۽ پرکيات بائبيل جي اَڏياپکا آهي. اي-١ نيويارک ٽائيمس جي سپني کان وڏيک وکڻجڻ واري ليککا آهي. اُنهن ٨٠ کان بہ وڏيک کتاب لکيا آهن. جنهن ۾ شامل آهي، ’سؤ طريقا پنهنجي جيون جي سرل بنائڻ جا‘، ’کڏهن بہ هار نہ مڃيو‘ ۽ سڃي بيٽلِ فئليڊ آف مائينڊ، شرنکلا جا پاريوارک کتاب ۽ بہ ناول ’د پيني ائنڊ اَئني منٽ‘ ۽ ٻيا بہ کيترا ئي کتاب. گڏو گڏ هک سڃي ويڊيو لئبرري جئائِس جي اِنجوئنگہ اوري ڊي لائيف ريڊيو ۽ ٽي.وي. تي پروگرام دنيا ڀر ۾ پرکاشت ٿيندا آهن. ۽ هوءِ پنهنڃيون کانفرنسيس جي لاءِ کيتريون ياترايون کندي آهي. جئائِس ۽ اُن جو گهوٽ ڊيو چار ٻارن جا ممي-پپا آهن ۽ اُنهن جو گهر سينٽ لوئس مزري ۾ آهي.

To contact the author in the United States, please write:
Joyce Meyer Ministries
P.O. Box 655,
Fenton, Missouri 63026
or call: (636) 349-0303
or log on to: www.joycemeyer.org

To contact the author in India, please write:
Joyce Meyer Ministries
Nanakramguda,
Hyderabad - 500 008
or call: 2300 6777
or log on to: www.jmmindia.org

